آن لائين

ڪاوش

# دنيا

آچر 14 ڊسمبر 2025ع

www.thekawish.com - facebook.com/kawishdunya




# بينا مسرور: سنڌي ادب ۽ فن جي هڪ اهم شخصيت جو وچوڙو


**هن پرچي جا ليکڪ:**

- نصير مرزا
- سحر امداد حسيني
- ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنير
- قربان منگي
- الهه بخش راڻوڙ
- سرمد ڪوسو
- الهه بچايو ميمڻ
- ڊاڪٽر دين محمد ڪلهوڙو
- روشن شيخ
- سردار احمد لُنڊ
- حفيظ چانڊيو

**مائڪرو ڪهاڻي:**

عابد مظهر

**ترجمو:**


سنگتراش صحرائي

**پرڏيهي شاعري:**

مير منصور مگريو

**شاعري:**

- حيدر مهراڻي
- انور سانول
- فراخ جانوري
- جيئند علي مهر
- زاهد ڪوسو
- فرحت لغاري
- مهر فقير
- اڪبر عارباڻي
- سڪندر اوڏ
- جي ايم جمالي




پوسٽر خدا بخش ابڙو، اياز ميلو جي ف ب پيج تان ورتل

# اياز ميلو

جمع، 19 ڊسمبر کان آچر 21 ڊسمبر تائين، ساليانو اياز ميلو، خانہ بدوش رائٽرس ڪيفي پاران حيدرآباد ۾ منعقد ٿي رهيو آهي. هيءُ ميلو سنڌ جي روشن خيالي ۽ جديد ويچارن جو مجموعو هوندو آهي، جنهن ۾ لڳ ڀڳ سموريءَ سنڌ جا اديب، شاعر، فنڪار، آرٽسٽ، جوان، مرد، عورتون ڪنهن نہ ڪنهن طرح شريڪ ٿيندا آهن. 28 ڊسمبر 1997ع تي اسان کان وڇڙي ويل سنڌ جو هڪ وڏو شاعر ـ شيخ اياز، اهڙي مڃتا جو حقدار آهي. سبب اهو آهي تہ، اهو ميلو هڪ سبب بڻجي ٿو تہ اسين سنڌي ٻوليءَ جي هن ويهين صديءَ جي وڏي شاعر جي شاعري پڙهون، سندس نثر جو مطالعو ڪريون ۽ سندس شاعريءَ مان اتساهہ وٺي، پنهنجي زندگيءَ جي جدوجهد ڪي، بنا ڪنهن مايوسيءَ جي جاري رکون. اياز هر نسل جو شاعر هئڻ سان گڏ هو اڄ جي، ڊجيٽل دور جي بہ نوجوان جو شاعر آهي، جنهن جي شاعري، جيڪو بہ ٻڌي ٿو، اُهو سندس مهانتا جو قائل ٿي وڃي ٿو.

اڄ جي دور ۾ اياز کي ڳائڻ لاءِ جيڪي راڳي گهرجن، سي هاڻي هِن جوءِ ۾ موجود ناهن رهيا. "هنگلاج" هليا ويا. پوئتي جي رڄ ۾ اياز جي شاعري ڳوليندي ٿي رهي، اُهو آواز، جيڪو ڪيس سمجهي سگهي ۽ پوءِ ڳائي سگهي. اڄ ڪي فنڪار يقينن اهڙا هوندا، جيڪي اياز جي شاعري، ان جي مڪمل مفهوم کي سمجهندي ڳائي سگهن ٿا، پر اهڙا فنڪار شايد ڳولڻا پوندا.

شيخ اياز جي شاعريءَ تي، منهنجي ذاتي راءِ آهي تہ، کهڙي تحقيق ٿيندي، اُن مان ڇا ڳوليو ويندو؟ اياز جي شاعري تي بس بہ ڪم ٿيڻ گهرجن: هڪ تہ ان کي مختلف ٻولين ۾ ترجمو ڪرائجي، ۽ ٻيو اها ڳارائجي. اياز جي پوري شاعري، آخري لڪيل، بيت، وائي، گيت ۽ غزل تائين جيڪڏهن ڳائجي وڃي تہ، اهو وڏو ڪم ٿيندو. پر اهو ڪم ڪير ڪري؟ تنهن هوندي بہ هي اياز ميلو، اسان جي مانائتي ليکڪ، شاعره ۽ فلسفي جي پروفيسر امر سنڌو، ڊاڪٽر عرفانہ ملاح ۽ سندن ٽيم وڏي جوش ۽ جذبي سان شيخ اياز کي ياد ڪرڻ ۽ ڪيس ڀيٽا پيش ڪرڻ جي لاءِ منعقد ڪن ٿيون، جيڪا تمام گهڻي مثبت ڳالهہ آهي.

"هي زندگيءَ جا ميلا آهن،" جيڪي اسان جي زندگين، جيڪي مسئلن، مونجهارن، پريشانين ۽ تڪليفن ۾ گهيريل آهن، کي رليف ڏين ٿا، انهن کي بهتر سوچڻ جو هڪ موقعو ڏين ٿا ۽ هڪ اهڙي واٽ ڏسين ٿا. جو ميلي ۾ شريڪ سيئي ماڻهو سرها ٿي پنهنجي پنهنجي ماڳ موٽي وڃن ٿا، اهو چئي تہ، وري ايندڙ ميلي تي ملنداسين. ـ انور

# وينزويلا جي تيل جي دولت تي آمريڪي اک

هڪ اندازي مطابق وينزويلا وٽ هينئر اٽڪل 300 ارب بيرل خام يا ڪچي تيل جا ذخيرا آهن. ايترا دنيا ۾ ڪنهن بہ ٻئي ملڪ وٽ ناهن. اهو دنيا ۾ تيل جي قيمتن تي اثرانداز ٿيڻ جو هٿيار بہ ٿي سگهي ٿو، انڪري ٽرمپ تيل جي عالمي مارڪيٽ کي مستحڪم رکڻ ۽ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ وينزويلا کي ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي. ٻہ ڏينهن اڳ آمريڪا وينزويلا جو تيل بردار جهاز بہ پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو آهي.

الهہ بخش راڻوڙ

لاطيني آمريڪا جو ملڪ وينزويلا، جيڪو خطي ۾ سياسي لحاظ کان وڏي اهميت نٿو رکي، اهو تيل جي دولت سان بہ مالا مال هئڻ سبب علائقائي قوتن، خاص ڪري آمريڪا جي نظرن ۾ آهي. آمريڪي صدر ٽرمپ، جيڪو دنيا جي قدرتي وسيلن ۽ معدني ذخيرن سان گهڻو چاهہ رکي ٿو، اهو ڪنهن بہ صورت ۾ نہ چاهيندو تہ وينزويلا ڪنهن اهڙي ملڪ جو پسنديده ملڪ هجي، جيڪو آمريڪي سلامتي ۽ سياسي سطح تي قابل قبول نہ هجي.

هن ڪٿا جو مقصد اهو آهي تہ وينزويلا سوشلسٽ ملڪن جي فهرست ۾ شامل آهي، انڪري ان کي بہ حدن ۾ رکي رهيو آهي. مارڪيٽ مڪينزم تحت، جيڪڏهن وينزويلا طلب کان وڌيڪ رسد آندي تہ ان سان قيمتن تي اثر پوندو. ٻين لفظن ۾ تيل جي قيمتن ۾ گهٽتائي اچي ويندي، جنهن جو نقصان بہ آمريڪي ۽ ان جي اتحادي ڪمپنين کي ٿيندو.

اهي بہ خبرون آهن تہ، آمريڪا هلندڙ سال يعني 2025 ۾ انساني همدردي ۽ اسٽريٽجڪ سببن جي بنياد تي پابندين ۾ نرمي ڪئي آهي، پر مڪمل واپاري لاڳاپا بحال نہ ڪيا آهن. وينزويلا جو مسئلو اهو بہ آهي تہ ان جو تيل سپلاءِ ڪرڻ جو ڍانچو پراڻو ۽ گهٽ سيڙپ جي ڪري گهربل پيداوار نہ ڏئي رهيو آهي.

آمريڪا، ڪنهن ٽئين ملڪ يا ڌر جي ذريعي وينزويلا جو تيل خريد ڪري سگهي ٿو، تہ جيئن





جو فطري جهڪاءُ روس، چين، ڪيوبا ۽ ٻين اهڙن ملڪن ڏانهن آهي، جيڪي ساڳئي نظرئي ۽ سوچ کي اپنائين ٿا. اها ڳالهہ آمريڪا لاءِ قابل قبول ناهي. آمريڪا جي اها تاريخ رهي آهي تہ اهو اڪثر دنيا ۾ تيل جي دولت تي جنگيون لڳرائيندو رهيو آهي. ايستائين جو ان جي لاءِ حڪومتن جي تبديلي بہ ڪرائيندو رهيو آهي.

هينئر توڙي جو آمريڪي صدر ٽرمپ ، وينزويلا کان منشيات اچڻ يا منشيات فروش ڪرمنلز کي روڪڻ جي آڙ ۾ دٻاءَ کي وڌائڻ چاهي ٿو، انڪري وينزويلا ويجهو سامونڊي جنگي ٻيڙن کي لنگرانداز ڪيو ويو آهي، ٻہ ڏينهن اڳ آمريڪا وينزويلا جو تيل بردار جهاز پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو آهي.

جيڪڏهن وچ اوڀر کان لاطيني آمريڪا تائين موجود انهن ملڪن کي ڏسجي، جيڪي تيل جي دولت سان مالا مال آهن، تہ انهن سيني لاءِ آمريڪي پاليسي ساڳئي انداز واري آهي. وينزويلا جو ڳاٽيتو هوئڻ بہ غريب ملڪن ۾ نٿو ٿئي، ۽ هي اهو ملڪ آهي، جتان جي عوام کي تيل جي دولت سان خوشحالي نصيب ٿي آهي.

پر سوال اهو آهي تہ، آخرڪار وينزويلا وٽ تيل جي ڪيتري دولت آهي، جيڪا ٽرمپ کي موهي رهي آهي؟ هڪ اندازي مطابق وينزويلا وٽ هينئر اٽڪل 300 ارب بيرل خام يا ڪچي تيل جا ذخيرا آهن. ايترا دنيا ۾ ڪنهن بہ ٻئي ملڪ وٽ ناهن. اهو دنيا ۾ تيل جي قيمتن تي اثرانداز ٿيڻ جو هٿيار بہ ٿي سگهي ٿو، انڪري ٽرمپ تيل جي عالمي مارڪيٽ کي مستحڪم رکڻ ۽ پنهنجا فوجي ۽ سياسي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ وينزويلا کي ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي.

دنيا ۾ سيڪيورٽي جا جيڪي نوان ماڊل سامهون آيا آهن، انهن ۾ توانائيءَ جي سيڪيورٽي بہ شامل آهي. اها الڳ ڳالهہ آهي تہ، آمريڪا پاڻ دنيا ۾ تيل پيدا ڪندڙ ملڪن ۾ سرفهرست آهي. آمريڪا وٽ موجود هيوي ڪروڊ، مخصوص پيٽروليم شين ٺاهڻ جو قيمتي ذريعو آهي. وينزويلا جيئن تہ تيل جي عالمي مارڪيٽ تي اثرانداز ٿي سگهي ٿو، انڪري آمريڪا ان کي اهڙو ڪو موقعو ڏيڻ نٿو چاهي، جنهن سان آمريڪين جي سيڪيورٽي لاءِ ڪو مسئلو پيدا ٿي سگهي. ماهرن جو خيال آهي تہ، تيل هڪ جاگرافيائي سياسي هٿيار بہ آهي، خاص ڪري چين، روس ۽ ايران جي حوالي سان اهو اهميت رکي ٿو.

آمريڪا وينزويلا تي ڪنٽرول برقرار رکڻ لاءِ 2019 کان معاشي پابنديون لاڳو ڪيون آهن، جن سان وينزويلا جو صدر نڪولس مادورو جي حڪومت تي دٻاءُ وڌائڻ سان گڏ ان جي ايڪسپورٽ



وينزويلا جو صدر نڪولس ميدورو (گيٽي اميجز)

پابندين جي پڇڪڙي نہ ٿئي. وينزويلا کي بہ تيل جي ايڪسپورٽ ذريعي ملڪي وهنوار هلائڻو آهي، انڪري اهو خطي جي ملڪن کي تيل ايڪسپورٽ ڪري جوڳو ناڻو ڪمائي سگهي ٿو.

توانائي ڊپلوميسي بہ هڪ اهم ٽرم آهي، جنهن ذريعي وينزويلا ۾ سياسي سڌارن جي حمايت ڪري سگهجي ٿي. آمريڪا وٽ سياسي سڌارن جو مقصد حڪومتي تبديلي آهي، جيڪا عوامي ووٽ ذريعي ممڪن آهي، پر اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ، انڪل سام جوڙ توڙ جو بہ ماهر آهي، جيڪو ڪنهن بہ ملڪ اندر سياسي تبديليءَ جو ذريعو ٿي سگهي ٿو.

هينئر چين ۽ ڀارت وينزويلا کان تيل خريد ڪن ٿا، جن سان آمريڪا کي مقابلو ڪرڻو پوي ٿو. آمريڪا چاهي ٿو تہ وينزويلا ۾ اهڙي حڪومت هجي، جيڪا آمريڪا جي منشا پوري ڪري سگهي. جيستائين ميدورو جي موجوده سوشلسٽ حڪومت آهي، تيستائين آمريڪا جي دال نہ ڳرندي. اها حڪومت پنهنجي مرضي ۽ عوامي مفادن مطابق وهنوار هلائيندي رهندي. امڪان اهو بہ آهي تہ وينزويلا جا حڪمران، آمريڪا اڳيان هٿيار ڦٽا ڪرڻ بدران مزاحمت جو عمل جاري رکندا. ■


illustration by kaptan abro

# عورتن ۽ ٻارن جي برابري ۽ تحفظ ملڪي ترقيءَ لاءِ لازم

**دنيا جي غريب آبادي جو 70 سيڪڙو عورتن تي ٻڌل آهي. ساڳئي وقت، يونيسيف موجب، دنيا ۾ لڳ ڀڳ 10 ڪروڙ 60 لک ٻار مزدوري ڪرڻ تي مجبور آهن، جڏهن ته هر سال لڳ ڀڳ هڪ ڪروڙ 20 لک ڇوڪرين جون ننڍي عمر ۾ شاديون ڪرايون وڃن ٿيون. صحت جي عالمي اداري مطابق، دنيا جي هر ٽن مان هڪ عورت پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ جسماني يا نفسياتي تشدد جو شڪار ٿئي ٿي.**


ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنڀر

دنيا جي هر سماج جي اصل سڃاڻپ ان ڳالهه سان جُڙيل هوندي آهي ته اُهو پنهنجي عورتن ۽ ٻارن سان ڪهڙو ورتاءُ ڪري ٿو. تاريخ شاهد آهي ته جيڪي قومون عورتن کي برابر جا حق ڏين ٿيون ۽ ٻارن جي تحفظ، تعليم ۽ صحت کي ترجيح ڏين ٿيون، اهي ئي قومون حقيقي ترقيءَ جي راهه تي اڳتي وڌن ٿيون. اڄ جي جديد دنيا ۾، جتي ٽيڪنالاجي، معيشت ۽ سياست تيزيءَ سان بدلجي رهي آهي، اتي عورتن ۽ ٻارن جا مسئلا رڳو سماجي نه، پر عالمي انساني مسئلا بڻجي ويا آهن.

گڏيل قومن جو ادارو (UN) پنهنجين رپورٽس ۾ بار بار اهو واضح ڪري چڪو آهي ته، دنيا جي آباديءَ جو لڳ ڀڳ اڌ حصو عورتن تي مشتمل آهي، پر معاشي وسيلن مان صرف 10 سيڪڙو عورتن تائين پهچن ٿا. جڏهن ته دنيا جي غريب آبادي جو 70 سيڪڙو عورتن تي ٻڌل آهي. ساڳئي وقت، يونيسيف (UNICEF)موجب، دنيا ۾ لڳ ڀڳ 10 ڪروڙ 60 لک ٻار مزدوري ڪرڻ تي مجبور آهن، جڏهن ته هر سال لڳ ڀڳ هڪ ڪروڙ 20 لک ڇوڪرين جون ننڍي عمر ۾ شاديون ڪرايون وڃن ٿيون. اهي انگ اکر انساني ضمير لاءِ هڪ سوال آهن.

سنڌ سميت ڏکڻ ايشيا جي ڪيترن ئي سماجن ۾ عورتن ۽ ٻارن جا مسئلا گهڻ رُخا آهن. غربت، تعليم جي کوٽ، صحت جون ناڪافي سهولتون، صنفي تشدد، ٻارن سان زيادتي، ۽ روايتي سماجي رويا انهن مسئلن کي وڌيڪ پيچيده بڻائين ٿا. ورلڊ بينڪ جي ڊيٽا ٻڌائي ٿي ته، جيڪڏهن ڇوڪرين کي ڇوڪرن جي برابر تعليم ۽ روزگار جا موقعا ڏنا وڃن، ته ملڪن جي ڪُل قومي آمدني (GDP) ۾ سڌو سنئون واڌ ٿي سگهي ٿي. صرف تعليم يافته عورت ئي صحتمند خاندان، باخبر نسل ۽ مضبوط معيشت جو بنياد بڻجي سگهي ٿي.

ٻارن جو تحفظ هر سماج جي اخلاقي ذميواري آهي. عالمي سطح تي، يونيسيف جي رپورٽ مطابق، هر 4 مان 1 ٻار ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ تشدد، نظراندازي يا استحصال جو شڪار ٿئي ٿو. جنگي علائقن ۾ رهندڙ ٻارن جي حالت ته وڌيڪ ڏکوئيندڙ آهي، جتي تعليم، صحت ۽ نفسياتي تحفظ جا حق مڪمل طور تي لتاڙيا وڃن ٿا. فلسطين، سوڊان، يوڪرين ۽ ٻين تڪراري علائقن مان ايندڙ تصويرون سڄي دنيا کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪن ٿيون ته انساني ترقيءَ جا نعرا تيستائين اڌورا آهن، جيستائين ٻار محفوظ نه آهن.

عورتن خلاف تشدد به هڪ عالمي مسئلو بڻجي چڪو آهي. صحت جي عالمي اداري (WHO)مطابق، دنيا جي هر ٽن مان هڪ عورت پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ جسماني يا نفسياتي تشدد جو شڪار ٿئي ٿي. اهو تشدد گهريلو تشدد، جنسي زيادتي، معاشي استحصال يا ڪم جي جڳهه تي هراسان ڪرڻ جي صورت ۾ هجي ٿو. اهڙو تشدد رڳو فرد کي نه، پر سڄي سماج کي ڪمزور ڪري ٿو.

ان سموري منظرنامي کي تبديل ڪرڻ ۾ تعليم جو سڀ کان اهم ڪردار آهي. يونيسڪو (UNESCO) موجب، هر سال جي واڌو تعليم عورتن جي آمدني ۾ سراسري طور 10 کان 20 سيڪڙو واڌ آڻي ٿي. تعليم يافته ماءُ ٻارن جي صحت، غذائيت ۽ تعليم بابت وڌيڪ بهتر فيصلا ڪري ٿي. ان جي ابتڙ تعليم کان محروم ڇوڪريون گهڻو ڪري ننڍي عمر ۾ شادي، گهريلو تشدد ۽ غربت جي چڪر ۾ ڦاسي پون ٿيون.

صحت جي شعبي ۾ به صنفي فرق واضح آهي. ڪيترن ئي ملڪن ۾ عورتن کي بنيادي صحت جون سهولتون وقت سر نٿيون ملن. ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن موجب، هر روز لڳ ڀڳ 800 عورتون حمل ۽ ويم دوران ٿيندڙ پيچيدگين سبب فوت ٿين ٿيون، جن مان اڪثر عورتن کي بچائي سگهجي ٿو. ٻارن جي غذائي کوٽ به هڪ وڏو مسئلو آهي. گڏيل قومن جي فوڊ اينڊ ايگريڪلچر آرگنائيشن (FAO) جي رپورٽ مطابق، دنيا ۾ هر پنجون ٻار غذائي کوٽ جو شڪار آهي، جنهن جو سڌو اثر ٻار جي ذهني ۽ جسماني ترقيءَ تي پوي ٿو.

حڪومتي پاليسين ۽ ادارن جو ڪردار هتي انتهائي اهم آهي. صنفي برابري ۽ ٻارن جي تحفظ لاءِ رڳو قانون ٺاهڻ ڪافي ناهي، پر انهن تي اثرائتو عملدرآمد به ضروري آهي. ڪيترن ملڪن ۾ "Gender Responsive Budgeting" جو تصور متعارف ڪرايو ويو آهي، جنهن تحت سرڪاري بجيٽ ۾ عورتن ۽ ٻارن جي ضرورتن کي خاص طور تي نظر ۾ رکيو وڃي ٿو. نتيجي طور تعليم، صحت ۽ سماجي تحفظ جي شعبن ۾ نمايان بهتري آئي آهي.

ان سلسلي ۾ ميڊيا ۽ سماج جي اجتماعي شعور جو ڪردار به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. مثبت ڪردار ادا ڪندڙ ميڊيا عورتن جي ڪاميابين کي اجاگر ڪري، تشدد خلاف آواز اٿاري، ۽ ٻارن جي حقن بابت آگاهي پيدا ڪري سگهي ٿي. ساڳئي وقت مذهبي اڳواڻن، استادن ۽ مقامي قيادت کي به شامل ڪرڻ سان سماجي روين ۾ تبديلي آڻي سگهجي ٿي.


مستقبل جو سماج تڏهن ئي مضبوط ٿي سگهي ٿو، جڏهن عورتن کي برابر جا موقعا ملن ۽ ٻارن کي محفوظ، صحتمند ۽ باوقار زندگي ملي. عورتن ۾ سيڙپ رڳو سماجي انصاف نه، پر معاشي عقل به آهي. ٻارن جو تحفظ رڳو خيراتي ڪم نه، پر انساني بقا جو سوال آهي. جيڪڏهن اڄ اسين هن ذميواري کي سنجيدگيءَ سان نڀايون، ته ايندڙ نسل هڪ اهڙي دنيا ڏسندو، جتي برابري، امن ۽ خوشحالي خالي لفظ نه، پر جيئري حقيقت هوندي.

هي وقت آهي ته سرڪار، سماج ۽ فرد گڏجي اهو عزم ڪن ته عورتن ۽ ٻارن جا حق ڪنهن به صورت ۾ نظرانداز نه ڪيا ويندا، ڇو ته عورت محفوظ هوندي ته سماج محفوظ هوندو، ۽ ٻار خوشحال هوندا ته مستقبل روشن هوندو. ■

ٽائيٽل تصوير سوشل ميڊيا تان ورتل

# بيدل جي بينا

هتي دل سان پيو لکان ته، سنڌي ٽيليويزن ڊرامن ۾ هيروئن غزاله رفيق بعد ڪا هيروئن مون کي بيحد وڻي ته، اها به صرف ”بينا صاحبه“ هئي. هن پوءِ غزاله رفيق صاحبه وانگر، ڦوهه جوانيءَ ۾ ’ينگ ٽو اولڊ‘ ڪردار يعني مختلف ڪئريڪٽر به زبردست ادا ڪيا ۽ انهن ۾ به هوءَ ڏاڍي گريس فُل لڳندي هئي.



نصير مرزا

ڀاڄائي بينا جي ڪا ياد، يا ڳالهه لکان ته اهو ڪيئن ممڪن آهي ته بيدل مسرور کي وساري ڇڏيان، جنهن سان منهنجون ٻٽيهه دليون آهن. بيدل کي پيار ۾ ”بيدي“ چئي جڏهن جڏهن به مخاطب ٿيندو هوس ته، ڀاڄائي بينا، غور سان ڏسي کِلندي هئي ته، هي وري ڪير، جيڪو بيدل سان ايترو پيار ٿو ڪري.

ياد اٿم، جنهن وقت بيدل، بينا صاحبه سان شديد پيار ۾ اِنوالو (involve) هو ۽ ڪافي ڊسٽرب به، ته حيدرآباد ۾ آئون ئي هن جي تنهاين ۽ اداسين ۾ شريڪ وجي ٿيو هوس. تڏهن مدد علي سنڌيءَ کي بيدل چيو هو، ”يار مدد! هن نصير مرزا سان ته مون کي الائي ڇو پيار ٿي ويو آهي_“ ۽ اها ڳالهه جڏهن جڏهن به ڀاڄائي بينا کي فخر سان مون ٻڌائي ته هن انجواءِ (enjoy) ڪيو.

ياد اٿم، 29 آگسٽ 2025ع تي بيدل سان ڪراچي آرٽس ڪائونسل ۾ رهاڻ رکي وئي ته، ڀاڄائي بينا جو اصرار هو ته نصير مرزا ضرور ڪراچيءَ ان شام لاءِ اچي، ۽ آئون ويس ته مون کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي.

هتي دل سان پيو لکان ته، سنڌي ٽيليويزن ڊرامن ۾ هيروئن غزاله رفيق بعد ڪا هيروئن مون کي بيحد وڻي ته، اها به صرف ”بينا صاحبه“ هئي. هن پوءِ غزاله رفيق صاحبه وانگر، ڦوهه جوانيءَ ۾ ’ينگ ٽو اولڊ‘ ڪردار يعني مختلف ڪئريڪٽر به زبردست ادا ڪيا ۽ انهن ۾ به هوءَ ڏاڍي گريس فُل لڳندي هئي.

وڏي ڳالهه ته، مون کي منهنجي دوست بيدل جي ناليِ سان هُن جي گڏ لکيل نالي ”بينا بيدل“ جي ترتيب به ڏاڍي وڻندي هئي، بلڪل ايئن جيئن ڀاڄائي رضيه طارق جي نالن جي ترتيب ۽ ترنم وڻندو هئم.

۽ هيءَ 29 آگسٽ، يعني صرف ٽي مهينا اڳ جي ڳالهه... بيدل سان رهاڻ وقت اسين اسٽيج تي به ته گڏ ويٺا هئاسين. ان موقعي تي مون ۽ ڀاڄائي بينا، بيدل سان، پويان بيهي، کيترين يادگار تصويرون به ته عابد انڙ کان ڪڍرايون هيون ۽ ان تقريب جي هڪ انتهائي خاص ڳالهه هيءَ به ته: خبر پئي پارس مسرور، پويان ڪٿي ويٺو آهي ۽ تازو ايڪسيڊنٽ سبب ٿورو ٿورو ناچاق به هو. هاڻي مون تقرير شروع ڪئي ته، لڳو اوچتو پوئين سيٽ تان هال ۾ ڪو بيهوش ٿي ڪِري پيو آهي، تڏهن مون بينا ڀاڄائيءَ جي رڙ ٻُڌي. ”پڪ اِهو پارس هوندو...“ ۽ هوءَ بيقرار ٿي پڪارڻ لڳي، ”پارس پارس، پارس...“ پر خبر پئي ته پوئين سيٽ تان هيٺ پَٽ تي ڪِريل ڪا خاتون هئي، جنهن جي شايد مٿي کي ڪا ڦيري اچي وئي هئي...

الا! ڪيڏو نه عجب اتفاق!

3 ڊسمبر 2025ع، سچل ڳوٺ واري گهر ۾، آڌيءَ رات وقت بينا ڀاڄائي پنهنجي پرسان ليٽيل ان ئي فرزند کي آواز ڏنو هو: ”پارس، پارس، پارس، مون کي الائي ڇا پيو ٿئي. پُٽ.... دل ڪچي ڪچي مٿي کي ڦيري...“ ۽ پارس يڪدم اٿي پنهنجي هن عظيم ماءُ کي ٻانهن جو سهارو ڏيڻ لاءِ اڳيان وڌيو ته ڇا ڏٺائين، هُن آخري ساهه پٽي ڪنيا ۽ بيدل جي بينا خاموشيءَ سان دنيا مان وڃي رهي هئي. ■

”مِلي وئي ’امداد‘ ’بينا‘ جهڙي ڀيڻ_ جنهن جي سِڪَ اُڪير سان
پٽرٽي پئي ميڻ.“ —امداد حسيني

# بينا مسرور، منهنجي مِٺڙي ڀيڻ

بينا سان ڪيترن ئي ڊرامن جي ريڪارڊنگس ۾ مان شام تائين ساڻس گڏ هوندي هئس. اسين ٻئي ڀينرون گڏجي گهر وينديون هيوسين. امي ۽ بابا به مطمئن هئا. بلڪ هڪ به ڀيرا امي ۽ بابا ”منزل“ ڊرامي جي پوري ڪاسٽ ۽ عملي جي نقوي صاحب جي آفيس ۾ پارٽي به رکي ۽ پاڻ بنفس نفيس سيني سان ملي خوش ٿيا هئا. بينا جو ڊرامو ”ناڪيلي“ اهو آخري ناٽڪ هو، جنهن ۾ آءٌ ساڻس گڏجي ويئي هئس.

ڊاڪٽر سحر امداد حسيني

مون کي تصويرون ڪڍڻ ۽ ڪا سُٺي ڪيمرہ رکڻ جو ننڍپڻ کان شوق هو، پر بابا ڪيمره نہ پيو وٺي ڏئي، سو مڙئي هٽي ڏُٽي هڪ ننڍڙي ڪيمره ورتم. رول بابا وڃهرائي ڏنو. هاٽي تصويرون ڪنهن جون وٺان؟ سکر سينٽرل جيل جي اسان جي بنگلن جي آس پاس سُڄ هئي. سنڌو درياهہ پري هو. اَبُل واهہ پري هو. سو بينا کي سامهون ٻيهاريم ۽ ڪانئس بہ ٿي پوز هٽائي سندس تصويرون ڪڍيم. هُوءَ ان وقت چئن پنجن سالن جي هئي. انهن ڏينهن ۾ سکر جي نشاط سينما ۾ وجينتي مالا جي فلم ڏٺي هئم. بينا مون کي وجينتي مالا جهڙي لڳندي هئي. سو





ٻہ ڀينر: سحر امداد ۽ بينا مسرور


بينا مسرور شفيع محمد شاه سان هڪ ڊرامي ۾

پنهنجي هٿن سان نڪتل اهي بلئڪ ائنڊ وائيٽ فوٽا ڏسي پئي خوش ٿيندي هئس. انهن مان هڪڙي تصوير شايد سنڀاليل بہ هئي.

بينا ائين ڪلاس جي شاگرداڻي هئي ۽ جڏهن مون سان ۽ امداد سان گڏجي ڪنهن پروگرام ۾ گڏجي هلي هئي، تڏهن ڪيس ”منزل“ ڊرامي ۾ اداڪاري ڪرڻ لاءِ امداد حسينيءَ کي چيو ويو هو. ان بابت امداد مون کي چيو ۽ مون اميءَ کي چيو. اميءَ کي مڃائڻ دنيا جو سڀ کان مشڪل ڪم هو. ڪڏهن اها آفر منهنجي لاءِ بابا کي ڪئي وئي هئي. تڏهن امي ۽ بابا ان کي سختي سان رد ڪري ڇڏيو هو. هاڻ بينا جو وارو هو ۽ منهنجو امتحان هو. امي ڪجهه نرم ٿي ۽ چيائين، ”الاءِ ٽي ويءَ جو ماحول ڪيئن آهي؟“

چيم: ”امي! سُٺو ماحول آهي. سُٺا پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو آهن.“

وري ٻئي hitch: ”منهنجي ننڍي نيٽي ڏيءَ اڪيلي ريڪارڊنگس لاءِ ڪيئن ويندي؟“

مون جهٽ پٽ پنهنجون خدمتون پيش ڪيون ۽ چيو: ”امي، آئون هن سان گڏجي ويندس.“ اهو مسئلو بہ حل ٿي ويو.

بينا ”منزل“ ڊرامي بلڪ سيريل جو حصو بڻجي وئي. سو، ائين منهنجي ننڍڙي معصومڙي ڀيڻ شوبز جو حصو بڻي. سندس ڪيترن ئي ڊرامن جي ريڪارڊنگس ۾ مان شام تائين ساڻس گڏ هوندي هئس. اسين ٻئي ڀينرون گڏجي گهر ويندیون هيوسين. امي ۽ بابا بہ مطمئن هئا. بلڪ هڪ بہ ڀيرا امي ۽ بابا ”منزل“ ڊرامي جي پوري ڪاسٽ ۽ عملي جي نقوي صاحب جي آفيس ۾ پارٽي بہ رکي ۽ پاڻ بنفس نفيس سيني سان ملي خوش ٿيا هئا. بينا جو ڊرامو ”ناڪيلي“ اهو آخري ناٽڪ هو، جنهن ۾ آءٌ ساڻس گڏجي ويئي هئس، تيستائين هُوءَ ماحول سان ۽ ماڻهن سان هِري مِري چڪي هئي.

مون کي سنڌ يونيورسٽي جامشورو ۾ ليڪچررشپ ملي چڪي هئي، سو مان جامشوري جي ٿي ويس. ان کان پوءِ بہ ڊگهي زندگيءَ جون انيڪ يادگيريون آهن، پر اُهي ڪنهن ٻئي ڀيري. في الحال سائينم امداد حسينيءَ جو هڪ شعر ”بينا“ لاءِ:

مِلي وئي ”امداد“ ”بينا“ جهڙي ڀيڻ
جنهن جي سِڪَ اُڪير سان پٽرٽي پئي ميڻ. ■

## نامور شاعره، ڊرامي نگار ۽ اداڪاره بينا مسرور جي زندگيءَ جو مختصر خاڪو

بينا مسرور جو اصل نالو مهہ جبين هو، پر گهر ۾ ننڍي هوندي کان ئي ڪيس ’بينا‘ سڏيو ويندو هو ۽ اهو نالو ئي ادبي ۽ شوبز جي دنيا ۾ سندس سڃاڻپ بڻيو. سندس ور جو نالو بيدل مسرور آهي، ان ڪري بينا مسرور جي نالي سان مشهور ٿي. پاڻ 29 جنوري 1958ع تي حيدرآباد ۾ پيدا ٿي. سندس والد جو نالو صلاح الدين احمد بلوچ آهي، جيڪو ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ جيل جي عهدي تان رٽائر ٿيو ۽ 1984ع ۾ وفات ڪري ويو. بينا انٽر تائين تعليم حاصل ڪئي. ڪيس ٽي پٽ ۽ هڪ ڌيءَ آهي. سندس ڀيڻ سحر امداد بہ سنڌي ٻوليءَ جي نامور شاعره آهي.


بينا، شاعريءَ جي شروعات 1977ع ڌاري ڪئي. گهڻو ڪري سندس نظم، آزاد نظم، نثري نظم ۽ ٽيڙو سنڌي زبان جي مختلف رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا. سندس شاعري رومانوي بہ آهي تہ سماجي مشاهدي جي عڪاسي ڪندڙ بہ آهي. بينا، شوبز جي دنيا ۾ 1976ع ۾ آئي. سندس پهريون ڊرامو شمشيرالحيدريءَ جو لکيل، ستن قسطن جي سيريل ”منزل“ هئو، جنهن ۾ بينا ليڪڪا جو ڪردار ادا ڪيو هو. ان کان پوءِ سندس ڪامياب ڊرامن جي هڪ ڊگهي فهرست آهي، جن مان ڪي هي آهن: ’زندگيءَ جو زهر‘، ’فرمانبردار‘، ’سفر ۽ ساٿي‘، ’ماٺار‘، ’ڪيڏو ڪارونڀار‘، ’پيڙا‘، ’ناڪيلي‘، ’ٻري هن ڀنڀور ۾‘، ’موتئي جهڙو من‘، ’عيد ٿي وئي‘، ’فيصلو‘، ’خالي گهر‘، ’موت جا پاڇولا‘، ’لڙڪ لڙڪ زنجير‘ ۽ ’انت بحر‘. هن بيدل مسرور جي هدايتن هيٺ تيار ڪيل ڪيترن ڊرامن ۾ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا، جن ۾ ’رابطو‘، ’خوابن جو شهر‘، ’هار جيت‘، ’زندگي هڪ ڪُن‘، ’اميد‘، ’مورت‘، ’ساڻيهہ جي سڪ‘ ۽ ’دل ڪا معاملا‘ (اردو)، ’دل جي دنيا‘ ۽ مور اڏاڻا مور (سيريز) شامل آهن.

ڊرامن کان سواءِ، بينا ڪيترن ئي ٽي. وي پروگرامن جي ڪمپيئرنگ بہ ڪئي ۽ هڪ ٻن اسٽيج ڊرامن ۾ بہ ڪم ڪيو. هن بہ ڊراما پڻ لکيا، جيڪي بيدل مسرور ۽ محمد بخش سميجي ڊائريڪٽ ڪيا. سنڌ جي هيءَ نامور شاعره، ڊرامي نگار ۽ اداڪاره 3 ڊسمبر 2025 تي ڪراچي ۾ لاڏاڻو ڪري وئي. *(انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا تان ورتل)*

# دادا سنڌي: سنڌ جو تاريخدان، جيڪو اسان کان وسري ويو

**ذاتي حوالي سان دادا سنڌي هڪ سادو سودو ۽ فقير منش هو. لکڻ ۽ تحقيقي ڪم ڪرڻ سندس محبوب مشغلو هيو. تاريخ ۽ تحقيق جي موضوع تي سندس 11 ڪن ڪتاب ڇپجي چُڪا آهن. جڏهن ته 35 ڪتاب اڃان به اڻ ڇپيل حالت ۾ پيا آهن. جن کي ڇپائڻ لاءِ اسان جي علمي ۽ ادبي ادارن کي توجهه ڏيڻ گهرجي. دادا سنڌي ڪجهه عرصو ريڊيو پاڪستان خيرپور سان اسڪرپٽ رائيٽر جي حيثيت ۾ به سلهاڙيل رهيو. ائين گهوٽڪيءَ کان خيرپور جا سندس پنڌ، جهڙوڪر خيرپور سان محبت جي رنگ ۾ رڱجي ويا. انهن سببن سبب مون سان سندس محبت جو رشتو قائم رهندو آيو.**





قربان منگي

سنڌي ادب جي ڪاهوڙي ڪردار محترم دادا سنڌيءَ سان منهنجو پهريون تعارف تڏهن ٿيو، جڏهن 1970ع واري ڏهاڪي ۾ مون ”گلن جهڙا ٻارڙا“ رسالو ونڻ شرع ڪيو هو. ان مقبول رسالي ۾ دادا سنڌيءَ جا مضمون باقاعدگيءَ سان شايع ٿيندا هُئا. تاريخ ان وقت به سندس محبوب موضوع هوندو هيو. ”سنڌ جون تاريخي ڪهاڻيون“ جي مستقل عنوان سان سندس ڪهاڻيون باقاعدگيءَ سان شايع ٿينديون هيون، جن جو موضوع سنڌ جا مختلف سُورما هوندا هئا. مان ان وقت کان ئي سندس مداح بڻجي ويو هئس.

اڳتي هلي ٻاراڻي ادب سان چاهہَ جو سلسلو جڏهن منهنجي اندر ۾ وڌي وڻ ٿيو ته، 1977ع ۾ مون ”پوپٽ“ رسالو شايع ڪرڻ شروع ڪيو. خيرپور مان شايع ٿيندڙ هن رسالي ۾ لکڻ لاءِ مون دادا سنڌيءَ سان به رابطو ڪيو ۽ ”دادا“ هن رسالي ۾ باقاعدگيءَ سان مختلف موضوعن تي لکيو ۽ ائين ساڻس منهنجو قلمي ناتو رشتو قائم رهندو آيو. ”پوپٽ“ ۾ جتي امر جليل ۽ فضل قادر قلباڻي جهڙن مانائتن ليکڪن خاص طرح سان لکيو، اتي دادا سنڌيءَ جهڙن جاکوڙي ليکڪن پڻ خوب لکيو ۽ اسان نوجوانن جي همت وڌائي.

سال 1987ع ۾ اسان سنڌ ٻالڪ سنگت جي پليٽ فارم تان خيرپور ۾ ”ڪل سنڌ ٻالڪ ميلو“ منعقد ڪرڻ جهڙو يادگار ڪم هٿ ۾ ڪنيو ۽ پنهنجي باهمت ساٿين، غلام عباس پنهيرو، فريد پتو، نديم گل عباسي، اسحاق انصاري، سيد آفتاب شاهه جيلاني، سعيد منگي، فتح منگي، غلام حسين منگي، قيوم منگي، مرتضيٰ سيال، مير مظفر ٽالپر، مير سڪندر ٽالپر ۽ سيد حيدر شاهه جن جي ساٿ سان اهو تاريخي ميلو منعقد ڪيو. ان ميلي ۾ ٻاراڻي ادب لاءِ جاکوڙيندڙ مختلف ليکڪن کي ايوارڊ پڻ ڏنا ويا، جن ۾ سائين دادا سنڌي به شامل هيو. دادا سنڌي اسان جي دعوت تي خيرپور آيو، ايوارڊ وصول ڪيائين ۽ به ڏينهن هتي ترسي خوب ڪچهريون ڪيائين. اهو ايوارڊ سنڌ ٻالڪ سنگت جي سرپرست ۽ برک شاعر ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي هٿان ڪيس ڏنو ويو هو.

ذاتي حوالي سان دادا سنڌي هڪ سادو سودو ۽ فقير منش هو. لکڻ ۽ تحقيقي ڪم ڪرڻ سندس محبوب مشغلو هيو. تاريخ ۽ تحقيق جي موضوع تي سندس 11 ڪن ڪتاب ڇپجي چُڪا آهن. جڏهن ته 35 ڪتاب اڃان به اڻ ڇپيل حالت ۾ پيا آهن، جن کي ڇپائڻ لاءِ اسان جي علمي ۽ ادبي ادارن کي توجهه ڏيڻ گهرجي.

دادا سنڌي ڪجهه عرصو ريڊيو پاڪستان خيرپور سان اسڪرپٽ رائيٽر جي حيثيت ۾ به سلهاڙيل رهيو. ائين گهوٽڪيءَ کان خيرپور جا سندس پنڌ، جهڙوڪر خيرپور سان محبت جي رنگ ۾ رڱجي ويا. انهن سببن سبب مون سان سندس محبت جو رشتو قائم رهندو آيو.

دادا سنڌي سموري زندگي مختلف حوالن سان استادي پيشي سان لاڳاپيل رهيو ۽ لکڻ پڙهڻ ۽ ڪتابن سان پيارُ سندس مَرڪُ رهيو. ٻوليءَ جي تحريڪ ۽ ون يونٽ خلاف هليل مهم ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺڻ جي نتيجي ۾ هن پنهنجي ڪيريئر جي حوالي سان تڪليفون به سٺيون. ڪيس 73_1972ع ۾ بدلي ڪري ٺٽي ضلعي جي هڪ پرائمري اسڪول ۾ مقرر ڪيو ويو. پر هِنَ برجستي، جفاڪش ۽ ايماندار انسان ڪڏهن به ضمير جو سود نه ڪيو.

مان سمجهان ٿو ته دادا سنڌيءَ تحقيقي ڪم جيترو سنڌي ادب لاءِ ڪيو آهي، ان جي موٽ ڪيس مناسب نه ملي. ٻين لفظن ۾ سندس علمي پورهئي جي اڃان تائين صحيح ڪَٿَ ڪونه ٿي سگهي آهي.


”سنڌ جا اوائلي تختگاهه“، ”سنڌ جا قديم درسگاهه“، ”سنڌ جا قلعا“، ”سنڌ جا بندر ۽ بازاريون“ ۽ ”سنڌ جا تعليمي محسن“، اُهي ڪتاب آهن جيڪي لکڻ ۽ سهيڙڻ ۾ دادا سنڌيءَ پنهنجي ڏينهن جو آرام ۽ راتين جون ننڊون خرچ ڪيون، پر افسوس جو انهن ڪتابن سميت سندس ڪوڙ سارو قيمتي پورهيو اڻ ڇپيل حالت ۾ ڪٻٽن ۾ قيد پيو آهي. ڪيئن چئجي سندس اهو پورهيو ڪٿي اڳتي هلي ظالم اڏوهيءَ جو کاڄ نه بڻجي وڃي. بلڪل اهڙي صورتحال سنڌ جي هڪبئي جاکوڙي محقق ۽ شاعر استاد عطا محمد حاميءَ جي ڇڏيل ڪم جي حوالي سان به نظر اچي رهي آهي.

مان سمجهان ٿو ته دادا سنڌيءَ جهڙا ليکڪ بغير ڪنهن طمع جي، صرف ۽ صرف ٻولي ۽ ادب جي خدمت لاءِ پاڻ ارپڻ واري جذبي تحت ڪم ڪندا آهن. اسان جي علمي، ادبي ۽ ثقافتي ادارن کي جُڳائي ته هُو سندس ڇڏيل ڪم کي ڇپائي محفوظ ڪن سندن ڪم اسان جي تاريخ جو حصو آهي.

اڄ جڏهن ٻارن لاءِ تخليق ٿيندڙ ادب به جهڙوڪر هڪ هنڌ بيهي ويو آهي. امر جليل کان وٺي امداد حُسينيءَ تائين سيني سينيئر لکارين ٻارن لاءِ لکڻ ڇڏي ڏنو آهي. تڏهن دادا سنڌيءَ جهڙن ليکڪن جي ياد شدت سان اڀري پوي ٿي. ■



دادا سنڌي، ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ ڊاڪٽر دُر محمد پٺاڻ.





دادا سنڌي، قربان منگي ۽ نصرت حسين ابڙو.

# خدا آباد، جيڪو ڪلهوڙن جي حڪمراني ختم ڪرڻ بعد ٽالپرن ساڙائي ڇڏيو هو

**خدا آباد کي اوڀر کان سنڌو درياهه هو. ٻئي طرف اولهه کان کيرٿر جبلن جو سلسلو ۽ منڇر ڍنڍ. ڏکڻ کان پڳي ٽوڙهي وارو جبل ۽ لنگهه ۽ اتر کان ميداني علائقو هو. انڪري ميان صاحب ڳاڙهي جو تختگاهه تبديل ڪري خدا آباد کي نئون تختگاهه بڻايو. ان وقت خدا آباد شهر جي پکيڙ 10 کان 12 ميل هم چورس هئي. هن شهر جون حدون اتر کان ڏکڻ طرف سامتياڻين جي ڳوٺ ڪوٽ لاشاري (ٿلٽيءَ پرسان) تائين ۽ اولهه کان اوڀر طرف ميان يار محمد جي قُڪن ۾ موجود مقبري کان هڪ ميل پوئتي کان ويندي ”نورجا پٽڻ“ ڳوٺ تائين هيون. هي شهر، ڪلهوڙا حڪومت جي خاتمي ڪانپوءِ 1783 ع ۾ ٽالپرن چئني طرفن کان باهيون ڏيئي ساڙائي ڇڏيو هو.**



ڊاڪٽر دين محمد ڪلهوڙو





تصوير فيس بڪ تان ورتل

خدا آباد شهر جو بنياد ميان يار محمد ڪلهوڙي پنهنجي ايامڪاريءَ (1718ع-1700ع) ۾ رکيو هو. هن شهر جي بنياد پوڻ جو پسمنظر ڪجهه هن طرح آهي: مغل شهزادي معزالدين، جڏهن پنهورن جي مدد سان ان وقت جي سنڌ جي بادشاهه ميان دين محمد ڪلهوڙي کي 1700ع ۾قتل ڪرائي، سامتاڻي پرڳڻو پنهورن جي سردار کي انعام ۾ ڏنو، تڏهن دين محمد جو ننڍو ڀاءُ ميان يار محمد قلات ۾ هو ۽ اتان سخت غصي ۾ اچي فوج گڏ ڪري، منڇر جي ڪور کان ٿيندو، شاهه حسڻ جي ڳوٺ کان لنگهي، سامتاڻين جي ڳوٺ، جتي پنهورن جو سردار رهندو هو، اچي نڪتو ۽ پنهورن جي سردار کي چوائي موڪليائين ته، ”جيڪڏهن جنگ ڪرڻ چاهين ٿو ته، اچي مقابلو ڪر. جي نه، ته هي ملڪ ڇڏي هليو وڃ.“

پنهورن جو سردار ان ڌمڪيءَ تي ڊڄي ويو ۽ درياهه اُڪري نوشهرو فيروز هليو ويو ۽ سامتاڻي پرڳڻو بغير رتوڇاڻ جي ميان يار محمد ڪلهوڙي کي مليو. هُن سامتاڻين ۽ مگٽيجن جي ڳوٺ ۽ شڪارپور پنهواري (ڦڪا) جي وچ ۾ خيما کوڙيا ۽ اتي سنڌ جو تختگاهه مقرر ڪيو ۽ ان جو نالو هن پنهنجي نالي ’خدايار خان‘ پٺيان ”خدا آباد“ رکيو.

خدا آباد کي اوڀر کان سنڌو درياهه هو. ٻئي طرف اولهه کان کيرٿر جبلن جو سلسلو ۽ منڇر ڍنڍ، ڏکڻ کان پڳي ٽوڙهي وارو جبل ۽ لنگهه ۽ اتر کان ميداني علائقو هو، انڪري ميان صاحب ڳاڙهي جو تختگاهه تبديل ڪري خدا آباد کي نئون تختگاهه بڻايو. ان وقت خدا آباد شهر جي پکيڙ 10 کان 12 ميل هم چورس هئي. هن شهر جون حدون اتر کان ڏکڻ طرف سامتياڻين جي ڳوٺ ڪوٽ لاشاري (ٿلٽيءَ پرسان) تائين ۽ اولهه کان اوڀر طرف ميان يار محمد جي قُڪن ۾ موجود مقبري کان هڪ ميل پوئتي کان ويندي ”نورجا پٽڻ“ ڳوٺ تائين هيون. هي شهر، ڪلهوڙا حڪومت جي خاتمي ڪانپوءِ 1783ع ۾ ٽالپرن چئني طرفن کان باهيون ڏيئي ساڙائي ڇڏيو هو.





**اسان خدا آباد جي بادشاهي مسجد وٽ اچي پهتاسين.**

ماشاءَالله، ڇا ته مسجد شريف هئي. مسجد جو صحن ڪشادو هو. ان جون ديوارون ۽ ديوارن تي ڪيل چسٽالي ۽ ڪيليگرافيءَ جو ڪم به ڪمال جو هو. ان کان علاوه گنبذن تي ڪيل گلڪاري ۽ انهن سان ميچ ٿيندڙ مختلف رنگن جي آميزش ان جي خوبصورتيءَ ۾ هيڪاري اضافو آڻي ڇڏيو هو. ائين پئي لڳو ڄڻ اهي مختلف رنگن جا حسين گل اصل حالت ۾ اتي ٽانڪيا ويا هجن.

هيءَ خوبصورت مسجد تاريخي، اسلامي آرڪيٽيڪچر ۽ ڪيليگرافيءَ جو زبردست شاهڪار ۽ نادر مثال آهي. گنبذن ۾ ٿيل خوبصورت ڪم سڄي دنيا ۾ منفرد ۽ انوکو آهي. هيءَ ايران، ترڪي ۽ هندستان، ازبڪستان، تاجڪستان ۽ ترڪمانستان وغيره ۾ موجود ڪيترين ئي خوبصورت مسجدن، درگاهن، مقبرن ۽ مزارن تي ٿيل ڪيليگرافي ۽ اسلامي آرڪيٽيڪچر جي فن سان ڪافي ملندڙ جلندڙ آهي. سوا ٽي سؤ سال گذرڻ بعد به هيءَ مسجد قديم فنِ تعميرات جو هڪ نادر ۽ شاهڪار نمونو آهي.

هيءَ جامع مسجد، ڪلهوڙا حڪومت جي شروعاتي دؤر ۾ سنڌ جي ان وقت جي بادشاهه، ميان يارمحمد ڪلهوڙي (1718ع-1700ع) سال 1701ع کان 1704ع تائين، ٽن ورهين اندر جوڙائي مڪمل ڪرائي هئي. هن مسجد جي خوبصورت گنبذن جي اندر ڪئين سرنگهون ٺهيل آهن.

مسجد جي ڇت تي چڙهڻ ۽ ان جي سرنگهن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اول ڏاڪڻ پار ڪرڻي هئي. ڏاڪڻ جي دروازي کي تالو لڳل هو. اتي موجود مسجد جي چوڪيدارن کان اسان جي گائيڊ ڪُنجي طلبي. پهريان ته هنن ڪنجي ڏيڻ کان گوٺتات ڪئي، پر جڏهن خالد جتوئيءَ چيُن ته: ”جيڪڏهن اوهان ڪُنجي نه ڏني ته مجبوراً ثقافت کاتي جي وزير صاحب کي اوهان جي شڪايت ڪئي ويندي ته، اسان سياحن سان اوهان جو عملو سهڪار نه ٿو ڪري.“ نيٺ چوڪيدارن اسان کي ڏاڪڻ جو دروازو کولي ڏنو ۽ اسان سوڙهي ڏاڪڻ پار ڪرڻ شروع ڪئي. اندر اوندهه انڌوڪار هو. صفائي جو ڪو به انتظام نه هو. هنڌين هنڌين ڪبوترن ۽ چمڙن جا آکيرا ۽ آماجگاهه هئي. لڳي پيو ته ڪيترن مهينن کان در نه کليو هو ۽ صفائي نه ٿي هئي. هينئر خبر پئي ته چوڪيدار صفائي نه هجڻ ڪري ئي ڪنجي ڏيڻ کان ٽال مٽول ڪري رهيا هئا. اسان پنهنجا پير ڏاڪن تي سنڀالي پئي رکيا ۽ آهستي آهستي ڏاڪڻ پار ڪري سرنگهن تائين رسياسين. اُتي ڇا ڏسون ته، مارا! هتي ته دنيا ئي ٻي هئي. هڪ سرنگهه مان ٻي سرنگهه پئي نڪتي، يعني سرنگهون جاميٽريڪل طَور هڪ سرنگهه مان ٻي ۽ ٻي مان ٽين ۽ ٽين مان چوٿين سرنگهه پئي نڪتي. ائين ڪيتريون ئي سرنگهون هيون. جيڪڏهن اوچتو ڪو ٻاهريون اوڦتو ماڻهو ايندو ته اهو مُنجهي پوندو ته هاڻي هو ڪهڙي سرنگهه ۾ داخل ٿئي جو اتي سندس تاڙ ۾ ڪو دشمن نه ويٺو هجي.

ممڪن آهي ته اهي سرنگهون ڪنهن اوچتي چڙهي ايندڙ دشمن کان بچڻ لاءِ بادشاهه ميان يار محمد ڪلهوڙي پنهنجي ۽ پنهنجي عيال جي دفاع لاءِ ٺهرايون هجن يا وري بادشاهه اتي پنهنجي خاص دفاعي دستي سان گڏ ويهي نمازين ۽ جماعتين جي چرپر کي ڏسڻ ۽ انهن جي ڳالهين کي ٻڌڻ لاءِ ٺهرايون هجن. سرنگهن ۾ هوا جي گذر لاءِ ننڍا ننڍا بادبان به ٺهيل هئا. آخري سرنگهه وٽ پهتاسون ته اتي بيشمار چمڙن جا آماجگاهه هئا. چمڙا هڪٻئي مٿان سٿيا پيا هئا. اهو عالمُ ڏسي گائيڊ اسان کي هڪدم پوئين پير موٽڻ جو اشارو ڪيو ۽ اسان سيئي جلدي جلدي پويان پير ڪري هيٺ لهي آياسين. ان بعد اسان جو حيدرآباد ڏانهن واپس هلڻ جو سفر شروع ٿيو. ■

# نفسياتي ماهر ابراهام ماسلو جي زندگي ۽ پيار

هاءِ اسڪول مان پڙهائي مڪمل ڪرڻ بعد ماسلو، مينهيٽن نيويارڪ جي سٽي ڪاليج ۾ داخلا ورتي. تعليم سان گڏ ڪجهه عرصي تائين موسيقيءَ سان بہ سندس خاص دلچسپي رهي. ڪاليج دوران سوشلزم ۽ فلسفي ۾ سندس شوق وڌندو ويو. هو وڏي شوق وچان ڪوپر يونين ڪاليج ويندو هو، جتي برٽرينڊ رسل ۽ وِل ڊيورانٽ جهڙا فلاسافر ۽ دانشور گفتگو ڪرڻ ايندا هئا. هو اُتي سندن خيالن ۽ نظرين ڪان مستفيض ٿيو. 1927 ع ۾ هو نيويارڪ ڇڏي اٿاڪا جي ڪارنيل يونيورسٽي هليو ويو. جيتوڻيڪ کيس برٿا ڪان دوريءَ جو شدت سان احساس هو، پر اهو سوچي دل کي تسلي ڏنائين تہ في الحال ٻنهي جي عمر شادي ڪرڻ لاءِ مناسب ناهي.

ليکڪ: ايڊورڊ هوف مين



سنڌيڪار: سنگتراش صحرائي

ابراهم ماسلو نامور آمريڪي ماهرِ نفسيات هو، جنهن انساني نفسيات جي علم ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هتي ايڊورڊ هوف مين جي ترتيب ڏنل ابراهم ماسلو جي سوانح عمري The Right To be Human مان چونڊ حصو ترجمو پيش ڪجي ٿو.

## خانداني پسمنظر ۽ ننڍپڻ

ويهين صديءَ جي شروعات ۾ يورپ کان آمريڪا لڏپلاڻ ڪندڙ هزارين بي پهچ يهودين منجهان سيموئل ماسلو بہ هڪ هو. هو روس جي شهر ڪِيف ۾ پليو نپيو هو. هن جي، گهران فرار ٿيڻ ۽ آمريڪا لڏي وڃڻ پٺيان هڪ سبب سندس سخت گير والد هو، جيڪو کيس وائلن وڄائڻ جي اجازت نہ ڏيندو هو. هجرت وقت سندس عمر صرف چوڏهن سال هئي.

آمريڪا پهچڻ بعد ڪجهه سال فلاڊيلفيا ۾ رهڻ کانپوءِ هو نيويارڪ هليو ويو، جتي هن جي ملاقات پنهنجي سئوٽ روز سان ٿي ۽ ٻيئي شاديءَ جي ٻنڌڻن ۾ ٻڌجي ويا. پهرين اپريل 1960 ع جو کين پُٽ جو اولاد ٿيو، جنهن جو نالو هنن پنهنجي ڪُٽنب جي بزرگ جي نالي پويان ابراهم ماسلو رکيو ويو. ابراهم کانپوءِ کين ٻيا ٿي پُٽ ۽ ٽي ڌيئرون پيدا ٿيون.

ماسلو جو ننڍپڻ انتهائي پريشان ڪُن ۽ تڪليفن سان ڀريل حالتن مان گذريو آهي. ان جو سبب سندس ماءُ هئي، جيڪا اذيت پسند ۽ تعصب پرست هئي. هوءَ ٻارن تي تمام گهڻيون سختيون ڪندي هئي. ماسلو پنهنجي ماءُ کان پري رهڻ لاءِ پنهنجو گهڻو وقت گهر کان ٻاهر لائبريري ۾ گذاريندو هو. هُن ڪتابن ۾ جذباتي پناهه ڳولي ورتي هئي. ڪتابن سان سندس ان بيحد دلچسپيءَ ئي مستقبل ۾ کيس ماهرِ نفسيات ۽ دانشور بڻجڻ لاءِ راهه هموار ڪئي. ماسلو جو پنهنجي والد سان بہ تعلق ڪو ايڏو سٺو نہ هيو. سندس پيءُ ساڻس شفقت سان پيش اچڻ بدران مٿس ٺٺوليون ڪندو هو ۽ مذاق اڏائيندو هو. هڪ ڀيري سڀني رشتيدارن ۽ دوستن جي سامهون اهو بہ چئي وڌائين تہ، "ڇا توهان منهنجو پٽ ڏٺو آهي. هوُ هن علائقي جو ٿلهي نڪ وارو سڀني کان بڇڙو ڇوڪرو آهي."

ماسلو کي پنن‌جي گهٽي توڙي پاڙي ۾ بہ تعصب کي منهن ڏيڻو پئجي ويو، ڇاڪاڻ جو اتي اهڙا ماڻهو بہ رهائش پذير هئا، جيڪي يهودين کان نفرت ڪندا هُئا. ماسلو اهو بہ انڪشاف ڪيو آهي تہ، هو ننڍپڻ ۾ احساسِ ڪمتري جو شڪار هو، جنهن ڪري ننڍپڻ ۾ شرميلو ۽ اڪيلائي پسند هو.

هن کي پنهنجي ننڍپڻ جي نهايت ئي ڀيانڪ واقعن مان هڪ واقعو ياد پوي ٿو. هڪ ڀيري مارڪيٽ مان هو رڪارڊز وٺي پئي وريو تہ جيئن موسيقيءَ مان مسحور ٿئي. پر ٿيو ايئن جو سندس امڙ معمولي ڳالهه تان ڪاوڙجي سمورا رڪارڊ ۽ ڪيسٽون فرش تي اُڇلائي مٿان سينڊل سان لتون هڻي ڀڃي پورا ڪري ڇڏيون. ان سان ابراهيم ماسلو جي موسيقي ٻڌڻ واري معصوم خواهش ڇڪنا چور ٿي وئي. ماسلو جي ماءُ پيءُ جو تعلق بہ سدائين بدگمانيءَ جو شڪار رهيو ۽ حالتون ايتريون سنگين ٿي ويون جو آخرڪار ٻنهي کي طلاق وٺڻي پئجي وئي. جيتوڻيڪ ڪيترن ئي ٻارن کي والدين کان اهو سکڻ لاءِ ملي ٿو تہ کين اڳتي هلي ڇا ڪرڻ گهرجي؟! پر ابراهيم ماسلو پنهنجي والدين کان اهو سکيو تہ کيس زندگيءَ ۾ ڇا ڇا نہ ڪرڻ گهرجي.

## تعليمي ۽ رومانوي امتحان :

1922 ع ۾ ماسلو اسڪول ۾ داخل ٿيو. ان اسڪول ۾ سندس زندگيءَ ۾ خوشگوار تبديلي تڏهن آئي، جڏهن پنن‌جي سئوٽ وِل سان سندس دوستي ٿي. هو ٻيئي ايترا ويجها ٿي ويا هئا جو کين ماڻهو جاڙا ڀائر چوندا هئا. ول جي دوستي جو هن جي زندگي تي هاڪاري اثر پيو. هاڻي هن شرميلي ۽ احساس ڪمتري جي شڪار ڇوڪري ۾ خود اعتمادي پيدا ٿيڻ لڳي.

اسڪول اندر ابراهيم ماسلو راندين ۾ بہ حصو وٺڻ لڳو. مختلف موضوعن تي ڪتاب بہ پڙهڻ لڳو. هڪ اهڙو زمانو آيو جو اسڪول جي رسالي جو ايڊيٽر بہ بڻجي ويو.

ماسلو جڏهن سائنس، ادب، فلسفي ۽ نفسيات جي ڪتابن جو مطالعو ڪيو تہ سندس نظرين ۾ تبديلي آئي. اهڙيءَ ريت هو سوشلزم ۽ جمهوريت جو طرفدار ٿيو. هاءِ اسڪول دوران سندس ملاقات پنهنجي سوٽ برٿا گڊمين سان ٿي، جيڪا مارچ 1922 ع دوران آمريڪا آئي هئي. برٿا هن کي تمام گهڻو پيائيندڙ پُڦي (پوُئا) پرل جي ڌيءَ هئي. ماسلو، برٿا کي پسند تہ گهڻو ڪندو هو، پر پنهنجي شرميلي طبعيت سبب دل جي ڳالهه چپن تي آڻي نہ پئي سگهيو ۽ محبت جو اظهار ڪرڻ کان اڻڄاتي خوف سبب شرمائي رهيو هو.

هاءِ اسڪول مان پڙهائي مڪمل ڪرڻ بعد ماسلو، مينهيٽن نيويارڪ جي سٽي ڪاليج ۾ داخلا ورتي. تعليم سان گڏ ڪجهه عرصي تائين موسيقيءَ سان بہ سندس خاص دلچسپي رهي. ڪاليج دوران سوشلزم ۽ فلسفي ۾ سندس شوق وڌندو ويو. هو وڏي شوق وچان ڪوپر يونين ڪاليج ويندو هو، جتي برٽرينڊ رسل ۽ وِل ڊيورانٽ جهڙا فلاسافر ۽ دانشور گفتگو ڪرڻ ايندا هئا. هو اُتي سندن خيالن ۽ نظرين ڪان مستفيض ٿيو.



ابراهام ماسلو پنهنجي گهرواري برٿا (جيڪا سندس سئوٽ بہ هئي) ۽ ٻن ٻارن سان گڏ

1927 ع ۾ هو نيويارڪ ڇڏي اٿاڪا جي ڪارنيل يونيورسٽي هليو ويو. جيتوڻيڪ کي‌س برٿا ڪان دوريءَ جو شدت سان احساس هو، پر اهو سوچي دل کي تسلي ڏنائين تہ في الحال ٻنهي جي عمر شادي ڪرڻ لاءِ مناسب ناهي. ڪارنيل يونيورسٽي ۾ ابراهم ماسلو جي استادن ۾ هڪ ايڊورڊ ٽيچنر هو، جيڪو نفسيات جو پروفيسر هو. ابراهم ماسلو وڏي اشتياق سان سندس ڪلاسن ۾ ويهندو هو، پر پروفيسر جي مغرور ۽ تڪبر ڀريل شخصيت سبب هي جلد ئي ڪائنس مايوس ٿي ويو.

ابراهم ماسلو، جون 1927 ع ۾ پنهنجي خاندان سان ملڻ نيويارڪ آيو تہ، برٿا ۽ سندس وڏي ڀيڻ سان ملاقاتن ۽ ڪچهرين جو سلسلو جُڙي ويو. هو شرميلي طبعيت سبب پنهنجي رومانوي جذبن جي اظهار ڪان ڪيٻائيندو هو، پر برٿا جي ڀيڻ سندس دل جي ڳالهه اڳتي وڌائڻ جو ٺئہ ڪري چُڪي هئي. هڪڙي نما شام جو برٿا ۽ ماسلو ٻيئي ويجهو ويٺل هئا تہ، سندس ڀيڻ ماسلو کي ڌڪو ڏيندي چيو تہ. آخرڪار تون هِن کي چُمي ڪڏهن ڏيندين؟ ائين ئي شدت ڀريل جذبن ۽ تيز ڌڙڪندڙ دل سان، هِينئون مُٺ ۾ جهلي ڊڄندي ڊڄندي ماسلو پهريون ڀيرو برٿا کي ڊگهي چُمي ڏني، جنهن کي برٿا بہ دل سان قبوليو هو ۽ موٽ ۾ برٿا بہ کيس دل کولي شدت ڀريل جذبن سان ڀرپور چُمي ڏني. اهو لمحو ماسلو جي زندگيءَ ۾ انتهائي يادگار ۽ بي مثال هو! اهڙي ريت برٿا جي چُمي سندس زندگيءَ جو رخ ئي تبديل ڪري ڇڏيو. ماسلو، بارٿا جي چُمي کي زندگيءَ جي حسين ترين گهڙين مان سڀ کان اعليٰ ترين پل ڀائيندو هو.

ان کان پوءِ هو بہ سال لاڳيتو ملندا ۽ ڪچهريون ڪندا رهيا. اُنهي عرصي دوران سندن محبت بہ جوان ٿيڻ لڳي ۽ هڪٻئي لاءِ قرب ۾ اضافو بہ ٿيندو ويو. هي ٻيئي پنهنجي محبت ۾ مگن هئا. جيتوڻيڪ ڪيترائي رشتيدار توڙي دوست سندن تعلق جا سخت مخالف هئا. هڪڙي طرف سڀني ڪان وڏي مخالف ماسلو جي ماءُ هئي، جيڪا بارٿا کي سادڙي، ابوجهه ۽ مهاجر ڇوڪري سمجهندي هئي. ٻئي پاسي ماسلو هو، جيڪو جنون جي حد تائين برٿا جي عشق ۾ ٿُب هو ۽ محبت جو معراج ماڻڻ لاءِ سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ لاءِ تيار هو.

## تعليمي ۽ رومانوي زندگي ۾ ڪاميابي :

1928 ع ۾ هو ميڊيسن جي وسڪونسن يونيورسٽي هليو ويو، جتي هن مختلف مڪتبِ فڪر جي نفسياتي ماهرن جي ڪتابن جو سنجيدگيءَ سان مطالعو ڪيو. نفسياتي ماهرن ۾ جان واٽسن سڀ کان وڌيڪ کيس متاثر ڪيو. اهو ئي سبب آهي جو جان واٽسن جي تخليقي ڪم کان متاثر ٿي هن پڻ نفسياتي ماهر بڻجڻ جو فيصلو ڪيو. هو انهي فيصلي تي ايڏو خوش هو جو برٿا کي اهو ٻڌائيندي وچ روڊ تي خوشيءَ منجهان رقص ڪري رهيو هو. وسڪونسن يونيورسٽي مان تعليمي ڪاميابي سان گڏ پنهنجي محبوبہ برٿا کان دوري جو احساس بہ اندر ئي اندر کيس کائڻ لڳو. هن پنهنجي دوستن سان صلاح مشورا ڪرڻ شروع ڪيا تہ، کيس برٿا سان هن وقت شادي ڪرڻ گهرجي يا نہ!؟ دوستن کيس گڏيل مشورو ڏنو تہ، في الحال شادي نہ ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو هو پنهنجو ئي خيال رکڻ ۾ لاچار آهي تہ، زال ۽ ٻارن جي سار سنڀال ڪيئن ڪندو؟!

ماسلو دوستن جي صلاحن تي گهڻو غور ويچار ڪرڻ بعد سندن خلاف ۽ برٿا سان شاديءَ جي حق ۾ فيصلو ڪري ورتو. هُن برٿا کي نياپو ڏياري موڪليو تہ جڏهن هو ڪرسمس جون موڪلون ملهائڻ لاءِ ايندو تہ ان دوران ساڻس شادي ڪندو. پرينءَ جو پيغام پهچندي ئي برٿا جي خوشي ٻيڻي ٿي وئي.

اهڙي ريت برٿا ۽ ماسلو جي شادي 31هين ڊسمبر 1928 ع تي ٿي. شاديءَ کانپوءِ برٿا بہ ماسلو سان گڏ يونيورسٽي وئي ۽ ٻيئي هڪ ننڍڙي اپارٽمينٽ ۾ گڏ رهڻ لڳا. ماسلو جي ڪوششن سان برٿا کي بہ وسڪونسن يونيورسٽي ۾ داخلا ملي وئي. ماسلو جي ذهانت، قابليت ۽ اڻٿڪ محنت يونيورسٽيءَ جي استادن کي تمام گهڻو متاثر ڪيو. يونيورسٽيءَ جي تعليم دوران ماسلو ۾ پيشيوراڻي خوداعتمادي پيدا ٿي ۽ نفسيات سان گڏ سماجيات ۾ بہ سندس شوق پروان چڙهيو. ■ (هلندڙ)



# ميخائيل کي پڇتاءُ ڪيئن ٿيو ؟

**ميخائيل هڪ روسي آرٿوڊوڪس چرچ کي هڪ خط لکيو، جيڪو 164 بيان هو. ان مان صاف ظاهر ٿيو ته ڪلاشنڪوف پنهنجي ايجاد جي غلط استعمال تي گهڻي عرصي کان بيچين ۽ پريشان هو. سندس خط جا مشهور جملا هي آهن: ”مون پاڻ کان بار بار پڇيو آهي: ڇا مان انهن ماڻهن جي خون جو ذميوار آهيان، جن کي منهنجي بندوق سان ماريو ويو؟“ ”جيڪڏهن منهنجي ايجاد ڪيل هٿيار دنيا ۾ تباهي آندي آهي، ته ڇا اهو منهنجو گناهه آهي؟“**






حفيظ چانڊيو

وقت جي ضرورت کي محسوس ڪندي انسان ڪيترائي اهڙا ڪم ڪري ٿو، جن جي حاصلات تي ماڻهوءَ کي فخر به ٿئي ٿو، ته ساڳئي سندس ڪم جو نتيجو جڏهن خونريزي، بيگناهن جي قتل عام ۽ غلط استعمال جي صورت ۾ نڪري ٿو ته، باضمير شخص کي پنهنجي ڪم تي ڇڻ ته ٿوري وقت لاءِ ئي سهي، پر پڇتاءُ ٿيڻ لڳي ٿو. ائين ميخائيل ڪلاشنڪوف کي به پڇتاءُ ٿيو ته، دفاع لاءِ ايجاد ڪيل سندس آٽوميٽڪ هٿيار ”ڪلاشنڪوف“(ان تي هن پنهنجو نالو رکيو) اهو دفاعي مقصد کان علاوه تخريبڪاري ۾ به استعمال ٿيو ۽ ان ذريعي بينگناهه ماڻهن جو قتل ٿيو ته ڪيس پنهنجي ايجاد تي جهٽ پل پڇتاءُ ٿيو، جنهن مان نڪرڻ لاءِ چاهيندي به هي سڄي عمر ٻاهر نڪري نه سگهيو ۽ ان پڇتاءُ واري ان احساس ڪيس سڪون سان سمهڻ نه ڏنو.

ميخائيل ٽموفيووچ ڪلاشنڪوف، جنهن جو نالو دنيا AK_47 جي ايجاد سان ياد ڪري ٿي، پنهنجي زندگيءَ جو پڇاڙڪو وقت ته ان پڇتاءَ جي شدت ۾ گذاريو. هن ان جي غلط استعمال جو ذميدار پاڻ کي پئي سمجهيو. هو جيتوڻيڪ هڪ بهادر انجنيئر هو ۽ وطن جو سپاهي هو، پر ان سان گڏ هو هڪ حساس دل رکندڙ انسان به هو. پڇتاءُ به ڪيس شايد ان لاءِ ئي ٿيو هوندو جو سندس هٿن سان ٺهيل هٿيار ڪيترن بي گناهه ماڻهن جون حياتيون ورتيون.

اهو پڇتاءُ، سندس ضمير جي عدالت ۾ سندس ٿيل احتساب هو. هو مسلسل سوچيندو رهيو. سندس آڏو سوالن جو سمنڊ آيو، جنهن ۾ ڪيس جواب نه ٿي مليا.


ميخائيل ڪلاشنڪوف ۽ روسي صدر پيوٽن

ڪلاشنڪوف جي ذهن ۾ AK_47 جو تصور تڏهن آيو، جڏهن ٻي عالمي جنگ ۾ هيءُ زخمي ٿيڻ بعد جنگ جي ڪوڙ سارين حقيقتن سمجهي ويئو. هن ڏٺو ته روسي سپاهين وٽ جديد هٿيارن جي کوٽ آهي، وٽن قابلِ اعتماد آٽوميٽڪ هٿيار ناهن، جنهن سان هو دشمن جي حملي جو مقابلو ڪري کين شڪست ڏئي سگهن.

ميخائيل کي جنگ ۾ ڏٺل ڏکن، جنگ جي ساهه سُڪائيندڙ فضائن، لمحن ۽ وطن لاءِ اندروني محبت هڪ اهڙو هٿيار ناهڻ ڏانهن وٺي وئي، جيڪو سادو هجي، مضبوط هجي ۽ هر حالت ۾ استعمال ٿي سگهي. پر ياد رهي ته اها سوچ دفاعي هئي، منصوبا حب الوطنيءَ جا هئا ۽ نيت پنهنجي ڌرتيءَ جي حفاظت ڪرڻ هئي.

پر بچاءَ وارو اهو هٿيار جڏهن هٿن مان نڪري دنيا ۾ پکڙجي ويو، تڏهن ان جو اصل استعمال اصل مقصد کان گهڻو ابتڙ ٿي ويو. ان بعد ميخائيل هڪ روسي آرٿوڊوڪس چرچ کي هڪ خط لکيو، جيڪو 164 بيان هو، ان مان صاف ظاهر ٿيو ته ڪلاشنڪوف پنهنجي ايجاد جي غلط استعمال تي گهڻي عرصي کان بيچين ۽ پريشان هو. سندس خط جا مشهور جملا هي آهن: ”مون پاڻ کان بار بار پڇيو آهي: ڇا مان انهن ماڻهن جي خون جو ذميوار آهيان، جن کي منهنجي بندوق سان ماريو ويو؟“

”جيڪڏهن منهنجي ايجاد ڪيل هٿيار دنيا ۾ تباهي آندي آهي، ته ڇا اهو منهنجو گناهه آهي؟“

ان ڳالهه ثابت ٿئي ٿو ته ميخائيل اندر ۾ پڇي پُري پيو هو.

هو ميڊيا کي پڻ چوندو رهيو ته: ”مون هٿيار ناهيو دفاع لاءِ، مون کي خبر ڪانه هئي ته دنيا ان کي ڌرتيءَ کي اجاڙڻ ۾ استعمال ڪندي.“ اهي جملا سندس پڇتاءَ کي ختم نه ڪري سگهيا. سندس ضمير زنده هو، ان لاءِ موت جي آخري گهڙيءَ تائين پنهنجي ايجاد جي غلط استعمال جو پڇتاءُ رهيس. ■

hafeezchandio63@gmail.com

# نواب آف ڪالاباغ تي تنقيد ڪري ڪيس چيڙائيندڙ الحاج عطا محمد لنڊ

گورنر نواب آف ڪالاباغ جي دور ۾ جڏهن سنڌ ۾ ان جو هڪ شاهي انداز جو جلسو ٿيو، جنهن ۾ هزارين ميٽر اعليٰ قسم جو ڪپڙو گورنر جي استقباليه بينرن توڙي سنڌس اچڻ واري رستي تي وڇايو ويو اتي حاجي عطا محمد لنڊ کي خطاب جو موقعو ڏنو ويو ته، هن پهرين تنقيد ان عمل تي ڪئي ته هڪ حڪمران جي لاءِ ايترو ڪپڙو ضايع ڪيو ويو آهي جو ان سان سوين غريبن جا اگهاڙا انگ ڍڪجي پئي سگهيا. نواب آف ڪالاباغ اهڙي تنقيد تي ناراض ٿيو ۽ سنڌس گرفتاري جو حڪم ڏنو. جنهن بعد هو فرار ٿي بلوچستان ۾ وڃي روپوش ٿي رهيو.



سردار احمد لُنڊ

سنڌ ڌرتيءَ تي جُڳن کان اهڙن ماڻهن جو جنم ٿيندو رهيو آهي؛ جيڪي پنهنجي خودداري؛ اصول پسندي ۽ روايتن جي پاسداريءَ سبب سڄاتا ويندا رهيا آهن. اها سڃاڻپ سندن دور توڙي ايندڙ هر دور جي سماج ۾ ڪين سماجي سونهين جو درجو ڏيندي رهي آهي. اهڙن ئي انسانن پنهنجي جدوجهد ۽ صلاحيتن سان انسان ذات جي ڀلائي لاءِ ڪوڙ سارا ڪارناما انجام ڏئي، پنهنجي وجود کي امر بڻائي ڇڏيو. سيتارجا لڳ ڳوٺ وليداد خان لنڊ ۾ 1909ع ۾ رئيس جادل خان لنڊ جي گهر ۾ جنم وٺندڙ مرحوم الحاج عطا محمد خان لنڊ پڻ اهڙين شخصيتن مان هڪ هئو، جنهن پنهنجي بهادري، قائدانه صلاحيتن ۽ خدمت خلق جي ڪري وڏو نالو ڪمايو ۽ مرڻ بعد به ماڻهو ڪين دلي محبت، عقيدت ۽ احترام سان ياد رکن ٿا. هو پنهنجين صلاحيتن ۽ خلق خدا جي خدمت؛ بيباڪي ۽ بهادرانين صلاحيتن جي ڪري اڳوڻي اولهه پاڪستان اسيمبلي جو ميمبر اڪثريتي ووٽن سان چونڊيو ويو هو.

هن شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان ۽ پوءِ فائينل پنگو بهڻ هاءِ اسڪول مان حاصل ڪئي. هن شروع ۾ رياست خيرپور جي ميرن واري حڪمراني جي دور ۾ تپيداري جي نوڪري به ڪئي، پر اتي ذهني سڪون نه ملڻ ڪري نوڪري ڇڏي ذاتي ڪاروبار شروع ڪيائين. عوام سان ٿيندڙ ظلم ۽ ناانصافين تي دلي ۽ ذهني طور بيچين ٿيندڙ هن شخص صرف زمينداري ۽ خدمت خلق کي ترجيح ڏيندي سياست جي ميدان ۾ پير پاتو ۽ خيرپور رياست جي ڏاڍاين خلاف آواز اٿارڻ تي ڪيس رياست بدر ڪيو ويو. ان بعد هن محرابپور ۾ ڪجهه عرصي تائين رهائش اختيار ڪئي ۽ اتي ئي "زميندار اتحاد" جو قيام عمل ۾ آڻي گڏجاڻيون ڪري خيرپور رياست خلاف هڪ نئون محاذ کوليائين.


رياست خيرپور جي والي مرحوم مير علي خان ٽالپر جي دور ۾ رياستي اسيمبلي جي چونڊن ۾ حصو وٺندي ميمبر چونڊجندو رهيو ۽ اتي اڪيلي سر مخالف ڌر جي ميمبر جو ڪردار ادا ڪندو رهيو. ان کان علاوه اولهه پاڪستان اسيمبلي جي چونڊن ۾ حصو وٺي اتان جو پڻ ميمبر چونڊيو ويو. جتي پڻ هن حزب اختلاف جو ڪردار ادا ڪيو. ان دور ۾ سنڌ مان شايد هيءُ واحد ميمبر هئو، جيڪو حزب اختلاف ۾ رهيو.

گورنر نواب آف ڪالاباغ جي دور ۾ جڏهن سنڌ ۾ ان جو هڪ شاهي انداز جو جلسو ٿيو، جنهن ۾ هزارين ميٽر اعليٰ قسم جو ڪپڙو گورنر جي استقباليه بينرن توڙي سنڌس اچڻ واري رستي تي وڇايو ويو اتي حاجي عطا محمد لنڊ کي خطاب جو موقعو ڏنو ويو ته، هن پهرين تنقيد ان عمل تي ڪئي ته هڪ حڪمران جي لاءِ ايترو ڪپڙو ضايع ڪيو ويو آهي جو ان سان سوين غريبن جا اگهاڙا انگ ڍڪجي پئي سگهيا. نواب آف ڪالاباغ اهڙي تنقيد تي ناراض ٿيو ۽ سنڌس گرفتاري جو حڪم ڏنو. جنهن بعد هو فرار ٿي بلوچستان ۾ وڃي روپوش ٿي رهيو. جڏهن ته خيرپور رياست جي دور ۾ حق سچ ڳالهائڻ ۽ ظلم ۽ ڏاڍ خلاف آواز اٿارڻ تي مٿس ڪيترائي ڪيس داخل ڪيا ويا.

مرحوم صدارتي چونڊن ۾ صدر فيلڊ مارشل محمد ايوب خان جي مقابلي ۾ محترمه فاطمه جناح جي حمايت ۽ مدد ڪئي هئي ۽ هر قسم جي دٻاءَ کي منهن ڏنو هو.

هن جي محنت ۽ جفاڪشيءَ سبب؛ سنڌ ۾ ميرواهه اڪيلو تعلقو هو، جتان فاطمه جناح سئو سيڪڙو ڪٽيو هئو.

مرحوم پ پ جي باني شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاران پارٽي ناهڻ بعد لاهور جيل ۾



ساڻس ملاقات ڪري پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ بعد ۾ ان وقت جي پ پ جي مرڪزي اڳواڻ عبدالوحيد ڪٽپر جي سيتارجا ۾ عام جلسي دوران پ پ ۾ شموليت جو باقاعده اعلان ڪيو. 1970ع جي چونڊن ۾ ڪيس ڀٽو صاحب پاران ٽڪيٽ ڏني وئي ور هن اها واپس ڪئي ۽ اهو چئي پ پ کي به خيرباد ڪيو ته اتي جاگيردار، پير، مير ۽ سرمائيدار اچي ويا آهن؛ جيڪي ڪڏهن به غريب عوام جا سڄڻ نه ٿا ٿي سگهن. سنڌس اختلاف پيرن، ميرن ۽ جاگيردارن کي ٽڪيٽون ڏيڻ تان ٿيو. ان بعد آزاد اميداور طور چونڊ وڙهيو پر هارائي ويو.

مرحوم زندگي جي آخري دور ۾ ٽائون ڪميٽي سيتارجا جو چيئرمين رهيو. جڏهن ته سيتارجا پوليس چوڪي جي هڪ اي ايس آءِ رحمت الله هڪڙو تي قاتلاڻي حملي جي الزام هيٺ سنڌس خلاف ڪيس پڻ هليو.

مرحوم الحاج عطا محمد خان جو چوڻ هئو ته، "دنيا ۾ صرف ٻه قومون آهن؛ هڪ ظالم ۽ ٻي مظلوم." ٻي ڪا به قوم نه آهي. مظلوم جو ساٿ ڏيڻ ۽ مدد ڪرڻ ۾ ئي الله جي رضا آهي. شهيد ڀٽي کان علاوه مير رسول بخش ٽالپر، مير علي احمد خان ٽالپر، رئيس الاهي بخش ٻانيڻ، سيد ميرڻ شاهه، خواجه صفدر ڪيپٽن محمد اسلم ۽ محمود اعظم فاروقي سميت ٻين شخصيتن سنڌس ويجهو رهيون.

مرحوم ڪٻڏي راند، گهوڙن ۽ صوفياڻي راڳ جو شوقين هيو. هن چار پٽ ۽ ست نياڻيون پويان ڇڏيا. ڪيس سنڌس انقلابي خيالن ۽ انساني خدمتن جي ڪري اڄ به سنڌ اندر عزت، محبت ۽ عقيدت سان ياد ڪيو وڃي ٿو. ■

## انور سانول جا ٻه غزل



نانءُ خالي زبان ۾ عاشق
يار کهڙي گمان ۾ عاشق

روز محبوب ٿو مٿائي ڏس
ڪوڙ جي بس جهان ۾ عاشق

نفرتن جي طرف وڃي وڃندو
لاپته ڪنهن زمان ۾ عاشق

ماڻجي قرب پيار ۽ محبت
دلبريءَ جي نشان ۾ عاشق

رات ڳوڙها اگهيا اچي سانول
شاعري- آسمان ۾ عاشق

2

روح کي ايڏو پياسو ڇو ڪجي
درد کي دل جو اثاثو ڇو ڪجي

سونهن آهي زندگي پو سونهن کان
پيار ۾ هنئين يار پاسو ڇو ڪجي

جام نيڻن جي اڳيان پي پيو هجي
منهن ڦيري من کي تاسو ڇو ڪجي

مفلسي جي آهي ورثي ۾ مٿا
ساهه کي تولو ۽ ماسو ڇو ڪجي

مَنُ نرم رکجي مٿي چيڪيءَ جيان
توهرن لئي واريا سو ڇو ڪجي

سال گهاريا ڪيترا سانول سکي
هو ته ايندو من نراسو ڇو ڪجي.
■

# سنڌو سڀيتا جي سونهن



الهه بچايو ميمڻ



سنڌو ماٿريءَ جي، پراڻي ۾ پراڻي تهذيب جو آغاز پنج هزار سال اڳ موهن جو دڙو جي سرزمين تان ٿيو. اُن دور ۾ ڪچي سِر، پڪي سِرَ سان شهري رٿابندي ۽ پاڻي گڏ ڪرڻ، پاڻيءَ جي گهر گهر پهچ، ڪپهه، ڪڻڪ، ٻاجهر، جوئر، چانور ۽ ٻيا اناج پيدا ڪرڻ سنڌو ماٿريءَ جي ترقي يافته سماج هئڻ جو ثبوت آهي. رُڱو وونڻن جي پوک مان، اُن جي ڦُٽيءَ مان نرم ريشو هٿ ڪرڻ، محنت ڪري ڪڪڙا ڌار ڪرڻ، ريشي کي ارٽ تي آرام سان هلائي، ڌاڳو تيار ڪرڻ پڻ سنڌو سڀيتا جا ترقي يافته تعارف آهن. آڏاڻي جي مدد سان 20 والن جو ڪپڙي جو تاڪيو تيار ڪيو ويندو هو. موهن جو دڙو جا ڪاريگر نه رڳو سوسي، ڪاڌي ۽ ٻيو ڪپڙو ٺاهيندا هئا. پر اڇو، سنهڙو، نفيس ڪپڙو به ٺاهيندا هئا.

انهن ڪڻڪ، چانور ۽ ٻئي اناج جي پيهڻ لاءِ جنڊ جو استعمال ڪيو ۽ همام دسته ٺاهيا. اجرڪ ۽ مختلف نمونن جون ٽوپيون ٺاهيون، مردن ۽ عورتن جي وهنجڻ جا ڌار ڌار غسلخانا ٺاهيا. لوهه، سون، چاندي، ٽامي ۽ جست مان مختلف شيون، ڏاٽا، گز، تير ڪمان، متڪا ۽ ٻيون شيون ٺاهيون، سون مان نازڪ، نفيس زيور، پازيبون، هَار، جُهومر، ٽڪا، چوڙيون ۽ منڊيون تيار ڪيون. چانديءَ مان زيور ۽ ٻيون شيون ٺاهيون. ٽامي ۽ جست مان ٿانو، ديڳڙيون، ديڳڙا، وٽا، وٽيون، ٿالهيون ۽ سرمي دانيون تيار ڪيون. ڦيٿي جو بنياد وجهي ڏاند گاڏيون، ريڙها، ٽانگا، بادشاهن، وزيرن ۽ رئيس ماڻهن لاءِ خاص گاڏيون وجود ۾ آنديون.

قديم آثارن مان موهن جي دڙو جي بادشاهه جي مليل مورتيءَ ۾ سندس سنوارت ٿيل ڏاڙهي، ڪُلهي تي اجرڪ پهريل ۽ مٿي تي ٽوپي پاتل اٿس. اُتان ڊانسنگ گرل جي به مورتي ملي آهي، جنهن جي ٻانهن ۾ عاج جون چوڙيون پاتل آهي. اهو زمانو ٻڌ ڌرم جو هو. استوپا مان گوتم ٻڌ جي وڏي مورتي هٿ آئي. هن ماٿري سان سنڌو درياهه جي ٻئي پاسي آمري، ديبل ۽ سڪرنڊ ويجهو هٿ آيل قديم آثارن ۽ پنيور لڳ هٿ آيل تعميراتي اڏاوتن سان گڏ مليل مختلف سِڪا، ٺڪر جا ٿانوَ، لوهي سامان ۽ ٻيون شيون اهميت جون حامل آهن. موهن جي دڙي ۽ آمريءَ مان هٿ آيل سڪا پڻ ان وقت جي ڪاريگرن جي مهارت ۽ ڪماليت جو شاهڪار آهن. ائين سنڌ تاريخ جو هڪ مرڪز رهي آهي.

مون هالا جي هٿ جي هنرن بابت وقت بوقت لکيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ هالا ۾ آرٽيزن ڪالوني ۽ سمال انڊسٽريئل اسٽيٽ هالا قائم ٿيون. هالا ۾ پلاٽ نه ملڻ ڪري ڀٽ شاهه ۾ هنرمندن جي ڪالوني ۽ ثقافتي دڪان پڻ ٺهيا، جا چڱي ڳالهه آهي. اڄ سنڌ جي اُن وقت جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه جو اٺن سالن تائين پريس سيڪريٽري رهيس. ان دوران ميٽنگن، جلسن، تقريبن جي ڪوريج سان گڏ مختلف اليڪٽرانڪ چئنلن ۽ اخبارن لاءِ وڏي وزير جا انٽرويو به ڪرائيندو هيس. اهڙن موقعن تي صحافين سان ٿيندڙ ملاقاتن ۾ مان کين سنڌي جي ثقافتي شين جي بچاءَ لاءِ ڪو عملي ڪم ڪرڻ لاءِ چوندو هئس.

# نثري نظم جي شاعره نوران جوڻڻ



روشن شيخ



نثري نظم ڪي جيترو آسان سمجهيو وڃي ٿو، اوتري هيءَ صنف آسان ناهي. اردوءَ جي ڪنهن شاعر چيو هو ته، ”اِيندڙ وقت نثري نظم آهي،“ سو مان، هڪ ذميوار نثري نظمن جي شاعر جي حيثيت سان اردوءَ جي ان شاعر صاحب جي ڳالهه کي هنئين سان هنڊائيندي ايترو چوندس ته، هڪ صنف جي الڳ خوشبوءِ ۽ سڃاڻپ آهي، پر نثري نظم اهڙي شاعري آهي، جنهن جي ڪلائيمڪس، هر حال ۾ چرڪائيندڙ هئڻ گهرجي.

جيئن اسان وٽ اڄڪلهه ناول گهڻو لکيو ٿو وڃي، تيئن نظمن جا شاعر ۽ شاعرائون به وڌي ويا آهن، پر بيحد ايمانداريءَ سان اهو رايو ڏيڻو ٿو پئي ته، نثري نظم تي رحم ڪري، ان جو جيڪڏهن معيار برقرار رکيو وڃي ته، پاڻ سڀ ميار کان بچي سگهئون ٿا.

نوران جوڻڻ نثري نظم سرجيندڙ شاعره آهي. سندس سوشل ميڊيا جي پيج ڪيترن ئي نثري نظمن سان پريل ملندي اوهان کي، پر سندس ڪجهه اهڙا نثري نظم پڻ پڙهڻ لاءِ مليا، جيڪي آهن ته عام رواجي ٻوليءَ ۾، پر انهن ۾ هڪ پيغام آهي، ميار آهي ۽ اندر جون ڳالهيون آهن. مثال طور، مان هتي سندس هڪڙو نثري نظم اوهان سان شيئر ڪيان ٿو، ان اميد سان ته اوهان کي مانائتي نوران جوڻڻ جو هي نثري نظم ضرور وڻندو:

”منهنجي مُرڪَ جو ڪوئي
مُلهه ڪونهي
توکي خبر آهي
جڏهن مان مُرڪندي آهيان
ته اندر جا اڌما
اندرئي اندر ۾ چَپن کي
طعنا ڏيندا آهن
پوءِ اُمالڪ مُنهنجا
چپَ خاموش نديءَ
جيان مات جو سبقُ
پڙهي وٺندا آهن
۽ پوءِ منهنجي چپن کي وري
مرڪڻ لاءِ
صديون لڳي وينديون آهن.“ ■

## ڪتاب: آخري واردات (ڪهاڻيون) _ ڪهاڻيڪار: بادل جمالي

# پاڪستان ٽيليويزن جي ڊرامن جي ياد تازي ڪندڙ ڪهاڻيون



سرمد ڪوسو

ڪهاڻي هر دور ۾ اهم رهي آهي ۽ ڪهاڻي ذريعي ئي ڪا به سولي توڙي ڏکي ڳالهه وڻندڙ انداز ۾ پيش ڪئي ويندي آهي، جيڪا پڙهندڙ ڪي يا وري ٻڌندڙ ڪي پاڻ سان جوڙي رکندي آهي. هڪ استاد طور به مون اِهو مشاهدو ڪيو آهي ته، ٻارڙن ڪي ڪهاڻيءَ جي اسلوب ۾ ڪو به ڏکيو موضوع سمجهايو ته، هُو نه رڳو سهو آساني سان سمجهي وجن ٿا، پر ان ۾ دلچسپي ۾ به وٺن ٿا. اهڙي طرح عام پڙهندڙ ڪان ويندي گهرو مطالعو ڪندڙ ماڻهو به ڪهاڻي ڪي بيحد پسند ڪري ٿو.

سنڌي ڪهاڻي مختلف دورن مان گذري آهي، جنهن ذريعي ڪهاڻيڪارن پنهنجي داخلي ۽ خارجي دنيائن جو اظهار به ڪيو آهي ته، سماجي، سياسي ۽ ماحولياتي موضوعن ڪي به ڪنيو آهي. پاڪستان ٽيليويزن تان جڏهن سنڌي ڊراما وڏي اوج سان نشر ٿيندا هئا ۽ بيحد مقبول هئا ته، انهن ڊرامن جا ليکڪ به وڏي پائي جا هئا. هُو پنهنجي سماج جون ڪهاڻيون ڊرامن ذريعي پڙهندڙن تائين بيحد وڻندڙ ۽ اثرائتي انداز ۾ پهچائيندا هئا. اِهو ئي سبب آهي جو اڄ به اڪثر ماڻهن ڪي انهيءَ دور جي ڊرامن جا نه رڳو نالا ياد آهن، پر پوري ڪهاڻي ۽ ڪردارن جا نالا به ياد آهن. ويندي ڪردارن جا ڊائلاگ به ياد هوندا آهن ۽ اُهي ڊائلاگ سندن معمول جي گفتگو جو حصو ٿي ويندا آهن.



منهنجي سامهون هن وقت ڪهاڻين جو مجموعو ”آخري واردات“ پيو آهي، جيڪو محترم بادل جمالي صاحب جو لکيل آهي. بادل جمالي صاحب به پاڪستان ٽيليويزن جو حصو رهيو آهي ۽ هي اُن وقت ڪان ئي لکي رهيو آهي، جنهن وقت ۾ عبدالقادر جوڻيجو، نورالهديٰ شاهه ۽ امر جليل، وغيره جا لکيل ڊراما نشر ٿيندا هئا. هي ڪهاڻيون پڙهندي مونکي اِهو احساس ٿيو ته آئون ڄڻ ڪو ڊرامو ڏسي رهيو آهيان، پر اُهو ڊرامو به اعليٰ معيار جو، جنهن جون پاڙون هن سماج ۾ آهن. مونکي ايئن به لڳو ته هُوند هنن ڪهاڻين ڪي ڊرامن جو روپ ڏئي، ڊراما ٺاهي نشر ڪيا وڃن ته بيحد مقبول ٿين. خير هاڻي ته سُتا سنڌي ڊراما ٺهڻ هڪ خواب مثل آهن. ان جا ڪيترائي سبب آهن، انهن تي وري ڪنهن ٻئي پيري لکبو، پر هن وقت بادل جمالي صاحب جي ڪهاڻين جي مجموعي جو ذڪر ٿا ڪريون، جيڪو سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد شايع ڪيو آهي. هن مجموعي ۾ ڏهه ڪهاڻيون شامل آهن ۽ هر ڪهاڻي جو پنهنجو رس چس آهي.

بادل جمالي صاحب جي ڪهاڻين جو لهجو ۽ مزاج ڳوٺاڻو آهي. سندس ڪهاڻين جا موضوع ڳوٺن مان ورتل آهن، جيڪا ڏاڍي پلي ڳالهه آهي، ڇو ته اسانجو سماج هڪ زرعي سماج آهي ۽ زرعي سماج ۾ جيڪي مسئلا آهن، ليکڪ انهن ڪي ڪهاڻين جو روپ ڏنو آهي. جيئن ڏاڙا، وارداتون، وڏيرن جا ظلم، چور ڏاڙيل، نام نهاد ليڊر، دقيانوسي رسمون.... انهن سيني جون پاڙون ڳوٺاڻي سماج ۾ پڪيون آهن. جيتوڻيڪ اسانجي شهرن جي به حالت ڪا نيڪ ناهي، پر اُتي وري ٻيا مسئلا آهن، جيئن نفسياتي مونجهارا، لاتعلقي ۽ ويڳاڻپ وغيره.


بادل جماليءَ جي هن ڪتاب جي پهرين ڪهاڻي ”گهايل ڪيئن گهارين“ ۾ ماحوليات جي موضوع ڪي ڪنيو ويو آهي، جيڪو هن وقت نه رڳو سنڌ پر عالمي سطح جو موضوع آهي. هن ڪهاڻيءَ ذريعي سوڪهڙي ۽ ٻوڏ جي ماريل ماڻهن جي داستان ڪي زبردست انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ماڻهو برسات لاءِ دعائون گهرن ٿا، وري لاڳيتي برسات ٿي وسي ته توبهه ٿا ڪن ۽ دعائون ٿا گهرن ته مالڪ سائين برسات ڪي بند ڪر.

”سپنن ڪي ڪير سمجهائي“ ڪهاڻي ۾ هڪ طرفي محبت جو ذڪر آهي، جيڪا غلط فهمي جي بنياد تي جنم وٺي ٿي. ايئن ”ليڊر“ ڪهاڻي نام نهاد سياسي اڳواڻن جا وڪا پڌرا ٿي ڪري ته ڪيئن اُهي عام ماڻهو ڪي بيوقوف بڻائي ذلالت واري زندگي گذارڻ تي مجبور ڪن ٿا.

”تصيبان جو نصيب“ ڪهاڻي ذريعي ليکڪ نياڻين سان ٿيندڙ ظلم ڪي ظاهر ڪري ٿو. اسانجو سماج جنهن ۾ اڄ به عورت ڪي بُرائي جي علامت ۽ سبب سمجهيو ٿو وڃي، اهو سماج پوءِ آهي به سُورن ۾. جنهن سماج ۾ عورت ڪي ماڻهوئي نه سمجهيو وڃي. اُتي ايئن ئي ٿيندو.

هن مجموعي جي ٽائيٽل ڪهاڻي به هڪ چور جي ڪهاڻي آهي، جيڪو چوريون ڪري وڏيرو ٿئي ٿو ۽ پاٽاريدار وارو ڪم ڪري ٿو. هاڻي اِهو آزار به اسانجي ڳوٺاڻي سماج ۾ عام جام آهي. اهڙي طرح هن مجموعي ۾ ”ملهار فقير لنگهو“ جي عنوان سان به هڪ بيحد لاجواب ڪهاڻي موجود آهي، جنهن ذريعي ليکڪ هڪ فنڪار ۽ آرٽسٽ جي درد ڪي چٽيو آهي ته ڪيئن هُو مفلسيءَ جو شڪار ٿي، بيمارين جي ور چڙهي، رسوا ٿي هن دنيا مان رخصت ٿئي ٿو. ايئن ٻيون به سڀ پڙهڻ جهڙيون ڪهاڻيون آهن، جيڪي ڪهاڻين سان پيار ڪندڙ ماڻهن جي دلين ۾ جاءِ ٺاهينديون.


هن ڪتاب جو مهاڳ محمد علي پٺاڻ لکيو آهي ۽ پيش لفظ ڊاڪٽر نواب ڪاڪا لکيا آهن. جڏهن ته ڪتاب جي بئڪ ۽ فليپ تي ڊاڪٽر احسان دانش، ڊاڪٽر رياضت برڙي، غلام نبي مغل، مير محمد پيرزادي، پير عبيد راشدي، محمد صديق منگيو ۽ ڊاڪٽر شير مهراڻي صاحب جا رايا شامل آهن. ■




---

مائڪرو فڪشن

## دنيا جي ڪهاڻي



عابد مظهر

ٻن دوستن: امير ۽ غريب؛ جا ٻه ماڻهو گذاري ويا. امير دوست جي ميت ۾ هزارين ماڻهو نظر آيا، ۽ غريب دوست جي ميت ۾ ڪجهه ڪلهي ڪانڌي ۽ غريب دوست شامل ٿيا. وڏي ماڻهوءَ جي ميت ۾ هن غريب ماڻهوءَ جا دوست به شامل هئا، جيڪي هن جا ڪلهي ڪانڌي نه ٿيا. ■

---

## غزل



حيدر مهراڻي

ڪير آهي سوار گهوڙي تي
ڪيس هٿ ۾ ترار گهوڙي تي

هي ڪِرن ڪي اچاپَيُون بوندون
ڇو ٿيو آن تيار گهوڙي تي

آنءُ ٿو پاڻ اَڄُ اچان تو ڏي
دل ڪٽي بي قرار گهوڙي تي

هِي حياتي رهَي رهَي نه رهَي
اچبو تنهنجي دُوار گهوڙي تي

شخص روپوش ملي وني سان ۽
ٿِي وجي ٿو فرار گهوڙي تي

واءُ مدهوش ٿي رهيو آهي
ڪوليا هن جو وار گهوڙي تي

هِي ٿِيو راڄ جي رضا سان آ
پنڌ وَنو مڱٽهار گهوڙي تي.

# چا تون ليکڪ ٿيڻ چاهين ٿو؟

شاعر: چارلس بڪووسڪي




سنڌيڪار: مير منصور مگريو

بار بار لکڻ جي ڪوشش ڪيو ٿا
ته ڪڏهن به نه لکجو.
جيڪڏهن لڳي اوهانکي ته
سخت محنت ۽ مشقت وارو ڪم آهي اهو
تڏهن به نه لکجو.
جي پنهنجو اندر پنن تي اوتي نه سگهو
۽ ٻين جا اُڌما لکڻ جي ڪوشش ڪيو
ته پوءِ به لکڻ وساري ڇڏيو.
جيڪڏهن شديد انتظار ۾ آهيو
۽ بيساخته شيون لکڻ لاءِ اچن،
پوءِ صبر ۽ تحمل ڪيو

وڏين ڪوششن باوجود به
جي لکڻيون پاڻ هُرتو سينو پارڪري نه نڪرن
ته ڪڏهن نه لکجو.
جيسين لکڻيون بغير ٻڌائڻ جي ذهن، زبان، دل
۽ جسم مان سَرسراهٽ ڪري نه نڪرن
جيڪڏهن ڪيئي ڪلاڪ ويٺا اسڪرين ۾ نهاريو
يا لفظن جي چونڊ لاءِ
ٽائيپ رائيٽر تي ڪِريل رهو
ته پوءِ ڪڏهن به نه لکجو.
جي لکو ٿا فقط شهرت ۽ پئسي لاءِ
ته پوءِ به ڪڏهن نه لکجو.
جي لکو ٿا
عورتون اوهان سان گڏ ته هجن
ته پوءِ به ڪڏهن نه لکجو.
ان سڀ جي باوجود جي

ان باوجود به جي پاڻ هُرتو آواز نه اچي
پوءِ لکڻ کان بهتر آهي ته ڪجهه ٻيو ڪيو.
جيڪڏهن لکڻ کان پوءِ پهرين شريڪِ حيات
يا گرل فرينڊ يا بواءِ فرينڊ کي پڙهي ٻڌايو ٿا،
يا پنهنجي والدين آڏو پڙهو ٿا يا انهن اڳيان،
جن آڏو سمجهو ٿا ته تخليق نه اچڻ ڪپي
پوءِ اوهين به انهن روايتي ليکڪن وانگي
هزارين روايتي ماڻهن وانگر ٿيڻ ڇڏي ڏيو
جيڪي پاڻ کي ليکڪ سمجهن ٿا.
نه ڪڏهن ٿڪجو ۽ بيزار ٿيو
نه بناوٽي ٿي خودپسندي ۾ رهو
اهڙين سيني حالتن ۾ دنيا جو علم
ڪُتبخانن ۾ بيڪار ۽ بيزار ڪندڙ موجود آهي.
تنهنڪري اهڙي علم ۾ واڌارو نه ڪيو
جيسين روح مان رڙ نه اچي
شور کي مات نه اچي
۽ چريائپ طرف نه وٺي وڃي.
جي اندر کي سچ جو سچ نه ساڙي
ته ڪڏهن به نه لکجو.
جي واقعي قضا سڀ لاءِ
توکي چونڊيو آهي ته پوءِ سمجهي ڇڏ
هو پاڻ توکان لکائيندو رهندو
ايستائين لکائيندو رهندو، جيسين تنهنجي
حياتي آهي، پوءِ تولاءِ ٻيو ڪو رستوئي ناهي
۽ نه لکڻ سواءِ ٻيو ڪو چاروئي هوندو... ■



هينري چارلس بڪووسڪي (Henry Charles Bukowski) جرمنيءَ ڄائو آمريڪي شاعر، ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار هئو. هن جي لکڻين تي سنڌس نئين اختيار ڪيل شهر لاس اينجلس جي سماجي، ثقافي ۽ معاشي صورتحال جو اثر هئو. 16 آگسٽ 1920 تي پيدا ٿيل ۽ 9 مارچ 1994ع ۾ 73 سالن جي عمر ۾ گذاري ويل هيءُ ليکڪ دوستووسڪي، هيمنگوي ۽ ٻين ليکڪن کان متاثر هئو. (مانيٽرنگ ڊيسڪ)

# وڻن سان وراڪيل پنهنجا آکيرا ڇڏڻ به نسورو درد ئي ته آهي!



نفيس نهڙي

بارود جي بُوءِ وارن نڪائن جي خوف ۾ ڏکيئن اڏامن سان سرحدون پار ڪري ويل پکين جا درد پلا ڪير توجاڻي!

وڻن کي عادت ناهي ماڳ مٽائڻ جي، بيشڪ هجرتون پکي ئي ڪندا آهن، پر وڻن سان وراڪيل پنهنجا خالي آکيرا ڇڏڻ به نسورو درد ئي ليکجي ٿو!

موسمي ڏيڏرن جيئن جڏهن مارين جا جٿا سنڌ ۾ لهڻ لڳندا آهن ته انهيءَ مهل پکي به پاڻمرادو جلاوطنيءَ جا سانباها ڪرڻ شروع ڪندا آهن!

الائي ڇو اسان وٽ اهو الميو رهي پيو، ته جيڪڏهن ڪو پکين کي مارڻ وارن خلاف پڪار ڪري ٿو ته، انهيءَ کي پکين سان مٽي مائٽي جي ناتي سان ڳنڍي بنا ڏوهه جي ماريو وڃي ٿو!

بارود سان باهه لڳائڻ وارا ڪاش پکين جي تڪين اکين سان عشق ڪرڻ جو ڏانءُ ڄاڻي سگهن ته، ڌرتي ڪيتري نه پُرامن ٿي پکين جي سنگيت سان جهومي پئي!

بيحس شڪاريءَ جي دل جو رنگ معصوم ٻچڙن جي، بنا سبب جي ماريل ماءُ جو اڏاٽيل ساهه ئي ڄاڻي سگهي ٿو ته، ماريءَ جي دل تي ڪيتري ڪاراڻ جي زنگ جو ديرو ڄميل آهي!

پکين جي شڪارين کي درد ٿيندو آهي الائي نه، پر پکين جي وهيل رت تي ڪين شايد ڪنهن پل ارمان ضرور ٿيندو هوندو!

منزل جا راهي ته سچ کي ساٿي بڻائي انهيءَ جي لهڻ تي پنهنجي مسافري ختم ناهن ڪندا، پر اهي وري چنڊ سان سنڌس سفر جاري رکي مسافريءَ تي گامزن ٿي ويندا آهن.


ڪڏهن ڪڏهن سوچ جو دائرو ايترو سوڙهو ٿي ويندو آهي جو افسوس سان چوڻو پوندو آهي ڌرتيءَ جا ڏٽي آخر پکين کي پنهنجي ڌرتيءَ جو حصو ڇو پلا ناهن سمجهندا؟

تتي سج ۾ ته پکين جو جيئڻ حرام ڪيو ويندو آهي، پر رات جو به رهزن هٿ پکين تي وار ڪندي ناهن مڙندا.

رات جي پيٽ ۾ ڌرتي تي ٿيندڙ قهر ڏسي ڪڏهن ڪڏهن آسمان تي چمڪندڙ تارا به مُرجهڻ مثل ڏيک ڏيندا آهن.

چنڊ ۽ ستارا جيئن رات کي روشن بڻائيندا آهن اهڙي طرح پکين جو سنگيت به ڏينهن کي سرور بخشي ٿو.

ديس سان دلبريون ملهائڻ لاءِ پکي پرديس جا پنڌ ڪري باربر لتاڙي به سال ۾ هڪ ڀيرو ضرور پهچن ٿا، پوءِ هو اسان جي وطن جي پريت جي ڏوهه ۾ بيحس شڪارين هٿان موت جي مُنهن ۾ هليا وڃن ٿا. ■



# واقعي سنڌ ڪَرُ موڙي اُٿي پئي هئي ايڪتا ڏينهن تي

گذريل آچر، 7 ڊسمبر تي سموريءَ سنڌ سان گڏ، پاڪستان جي مختلف حصن ۽ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ايڪتا جو ڏينهن وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو. پاڪستان جي وزيراعظم ميان شهباز شريف، صدر آصف علي زرداري، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو



زرداري، سنڌ جي گورنر ڪامران ٽسوري ۽ ٻين اڳواڻن پڻ سنڌي قوم کي ثقافتي ڏينهن ملهائڻ تي مبارڪون ڏنيون. ملڪ جي حڪمرانن پاران سنڌ جي ثقافتي ڏينهن کي قبولڻ هڪ سياويڪ عمل آهي.

ايڪتا جو هيءُ ڏينهن هڪ الڳ پيغام به ڏئي ويو، جيڪو تمام گھڻو مثبت ۽ حوصلا افزا آهي، خاص طور تي اهڙي وقت ۾ جڏهن سنڌ کي ورهائڻ وارا بيان ايندا هجن. ايڪتا جي ان ڏينهن سنڌ ۾ رهندڙ سڀني برادرين ۽ نسلي ايڪائين سان گڏ هر مڪتبہ فڪر جي ماڻهوءَ کي گڏجي چڙهيو ۽ اهو ٻڌايو ته. اسين هڪ آهيون، ۽ گڏجي اڳتي وڌنداسين.

هن ايڪتا ڏينهن تي جڏهن اردو ڳالهائيندڙن سڄاڻ شخصيتن، صحافين ۽ اديبن، جهڙوڪ محمود شام، فاضل جميلي، عبدالرحمان ۽ ٻين پنهنجين نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو، مبارڪون ڏنيون ۽ اجرڪ ۽ ٽوپيون پائي سنڌين سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪيو ته، اسان جو سنڌ جي ايڪتا ۾ يقين پختو ٿي ويو.



چاڙهيل شخصيتون ۽ ٻيا اسان جو اڳ ۾ به حصو هئا، هاڻي به آهن. ساڳي طرح سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوريءَ گورنر هائوس ۾ سنڌي ثقافت جي ڏينهن جي سلسلي ۾ تقريب منعقد ڪري "سنڌ جيئي، سنڌ وارا جيئن" وارو گيت هلائي سنڌين سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪري ساراهه جوڳو ڪم ڪيو.

نفرت وڏيڪ نفرت کي جنم ڏيندي آهي ۽ محبت وڏيڪ محبت کي جنم ڏيندي آهي، سو ايڪتا جو ڏينهن وڏيڪ محبتون ورهائي گذري ويو.

پر هن ڏينهن تي هڪ ڳالهه بنهه اڻوندڙ ٿي. جيئن ته هيءُ ڏينهن سنڌي ماڻهن جو ذاتي ڪاج آهي، سياسي شو ناهي. انڪري ان جي مالڪي هر هڪ سنڌيءَ وٽ آهي، پر ان ۾ جيڪڏهن ڪي ماڻهو سياست ڪندا ته. اهو ڇڻ ته ڪاج کي ڦِٽائڻ وارو عمل ٿئي ٿو. هيءُ سنڌي قوم جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرون ايتري منظم انداز ۾ موقعو مليو آهي ته، هو پنهنجي ثقافتي سونهن جو ڀرپور اظهار ڪن، انهن کي ڪنهن اهڙي اوجهڙ ۾ نه اڇلايو جو هيءُ ڏينهن تڪراري بڻجي وڃي. مشتاق راڄپر صاحب صحيح لکيو آهي ته، اوهان وٽ ملهائڻ جي لاءِ سال جا باقي سمورا ڏينهن پيا آهن، رڳو هن ڏينهن تي اهڙو عمل نه ڪيو.

بهرحال سنڌ جي هن ايڪتا ۽ ثقافتي ڏينهن جي ڪاميابيءَ سان ملهائڻ تي ان ڪاج ۾ شريڪ سڀني بزرگن، ڀائرن، ڀينرن ۽ ٻارڙن کي مبارڪون هجن. ■ _ جمال










## غزل

### فراخ جانوري

ٻک ۾ اچي ٽڙي پئي
جڻ ڪا ڪلي ٽڙي پئي

هوءَ جو ڪلي ٽڙي پئي
هڪ زندگي ٽڙي پئي

دورين جا درد پوڳي
اڄ جو ملي ٽڙي پئي

هن جي اچڻ سان دل جي
دنيا سڄي ٽڙي پئي

ٿر تي ملهار برسيا
هر جهوپڙي ٽڙي پئي

چاهت جي رنگڙن ۾
اڄ هوءَ رچي ٽڙي پئي

جنمن ڪان پوءِ مون ۾
اجڙيل خوشي ٽڙي پئي

## جهالت کي ٿا ٻِٽا ٻِٽا پاڪر پايون

### جيئند علي مهر



هي رنگينيون هيءَ آسائش
وک وک تي مصنوعي مرڪ
شِڪلين جا پاسا ئي متجيو ٿا پون....
هاڻ چڏ پي شوخي،
ساهَ کي سوڙهه نہ ڪر
اڙي زمانا
خوابن جي خوراڪ رڳو
اسان جا مستقبلَ هِن چا پلا!؟
هن ابوجهہ معاشري کي بہ
ٿوري ڪنَ ❋ مهتَ جي ضرورت آ
هاءِ افسوس
شعور کي ششدر ڪري
جهالت کي ٻٽا ٻٽا پاڪر پائي
فخر ٿا محسوس ڪيون.



## غزل

### زاهد کوسو

سا تہ سياڳي هوندي جنهن ميندي لاتي تولئہ
آئون ڪوجهي آهيان ڪجليا هٿ بس آتي تولئہ

تنهنجا ويڻ منيءَ کي ماري ماريندا، ٻيو چا؟
ڪنڌ ڪٽائي سهنديس ويني هر ڪا ڪاتي تولئہ

جوين پنهنجو پارس پائيم، تو جو پاڪر پاتو
ست ڪيا سينگار هئا مون، چير بہ پاتي تولئہ

هاءِ هٽن مان تون جو ويئڙم ڪهڙو جيئڻ پوءِ؟
گهر بہ سمورو ڪون وٺي ۽ سپ وساريم پاتي تولئہ

زاهد توبن ڳوٺ کي اک جو ڪندو پائيان ٿي
زاهد پايان هر هر آئون جهاتي تولئہ

## غزل

### فرحت لغاري

چوٽ تي چوٽ لڳي ٿي
اجان هوءَ اوٽ لڳي ٿي

اوکو پنڌ ڏُکي ليکي وک
ارادي اٽموٽ لڳي ٿي

مِڙني کي ميدان ماري
رتل پڪي ڳوٺ لڳي ٿي

مُروت آهي موڪلايو
احساس ڪوٽ لڳي ٿي

ڪريشن ڪنڌڙ ڊپ ڪهڙو؟
وقتي ڦڙڦوٽ لڳي ٿي

بند ناري لاءِ زندگي
عمر جو ڪوٽ لڳي ٿي

ڇوڪري سان ملي نوڪري
ڪهڙي ڪس گهوٽ لڳي ٿي.



## غزل

### مهر فقير

ڇڏي ڳوٺ شهر ويون
وري نہ وريون اکيون

شوخ شرارت عشق ادا
ساري ساري ياد ڪيون

نہ ٿو وسري وقت سو
هيون سي جڏ ٻکيون

پوکيون واهہ ڪپ تي
نمن ڪيون نموريون

اچن شل انتظار آهي
واٽن منجهہ پيا تکيون

لڳي ٿو وساري ڇڏيائون
آهن وچي شهر اڙيون

ملن موٽي او مهر فقير
دعا ڪيو سرتيون جيڏيون

## غزل

### اڪبر عارباڻي

ڳچيءَ ۾ هار اجرڪ جو
ڪيڏو آ پيار اجرڪ جو

ڏيون ٿا ڪنوار کي تحفو
سهڻو ۽ تيار اجرڪ جو

سدا سونهين ٿو گهوٽن کي
ڪلهن تي بار اجرڪ جو

ايندڙ ويندڙ اوطاقيءَ لئہ
چڱو ڪردار اجرڪ جو

مرڻ ڪان پوءِ مڙسن جي
مٿان سينگار اجرڪ جو

ثقافت سنڌ جو نالو
صفا سردار اجرڪ جو

ڏنم ديوانو هر ماڻهون
ٻيو ۽ پار اجرڪ جو

ذڪر پهراڻ ۾ اڪبر
نرالو آ ڏار اجرڪ جو



## غزل

### سڪندر اوڏ

سانوري صورت اک ۾ اڙي آهي
گهاءَ ٿي جڻ گهڙي گهڙي آهي

واڇوڙا واڇوڙا لڳي ٿو وطن
هو جڏهن ڪان وڇڙي آهي

منهنجا مينڏرا توکان سواءِ
ڪاڪ ڪيڏي ڪڙي آهي

توکي پچاريندي پرين
مند اچي وري مڙي آهي

رات آسرن جي ولهہ ۾
وار ڪولي اجان ڪڙي آهي

ساگر توکي ساري ساري
سانجهہ سورن ۾ لڙي آهي

## غزل

### جي ايم جمالي

وقت آهر تون بہ بدلين چاهہ ساڳيا مان بہ ساڳيو
تو چنا پنهنجا وچن ويساهہ ساڳيا مان بہ ساڳيو

سي ٻنيون ٻارا مني اڄ پي پيا توکي سنپارين
قرب جت ويهي ونڊياسين واهہ ساڳيا مان بہ ساڳيو

آ وري آيو ڊسمبر سرد پارا ٿيا جوان هن
ٿي ڪمي تنهنجي رهي من ماهہ ساڳيا مان بہ ساڳيو

ڪين توکي مون پلايو، جاڳ ۾ تو جيءُ جلايو
سار تنهنجي جا رهيا هن ڪاهہ ساڳيا مان بہ ساڳيو

مون ڳلي ها روز لاتا تنهنجا ڏڙڪا تنهجا ڪڙڪا
ڪين ڪائي جنگ جوٽي ناهہ ساڳيا مان بہ ساڳيو

تون نہ آهين چنڊ تارا چاهہ چارا اڄ پي پيارا
ڳوٺ پنهنجي جا رهيا شاهراهہ ساڳيا مان بہ ساڳيو



Rental Family

# سچ، ڪوڙ ۽ اسان جي ٺاهيل ڪٽنبن تي ٺهيل فلم

رينٽل فئملي هڪ دردناڪ ڊراما/ڪاميڊي فلم آهي، جيڪا هڪاريءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ ٺهيل آهي، جنهن کي هو ”خوبصورت ۽ فڪري“ قرار ڏئي ٿو. ايڊ 2025 جي هن جي پسنديده فلمن مان هڪ، جيتوڻيڪ سال جي بهترين نہ بہ ڪٽي هجي. ٽوڪيو جي متحرڪ پر اڪيلائيءَ واري پسمنظر سان واسطو رکندڙ هيءَ ڪهاڻي حقيقي جپاني ”رينٽل فيملي“ سروسز کان متاثر آهي، جيڪي ورنر هيرزوگ جي فئملي رومانس ايل ايل سي وانگر آهن، جتي اجنبي جذباتي خالن کي پرڻ لاءِ مسواڙ تي گهرايا ويندا آهن.





مرڪز ۾ فلپ وانڊرپلوگ (برينڊن فريزر) آهي، هڪ اڳئين اميد رکندڙ وچين عمر جو آمريڪي اداڪار، جيڪو ٽوٿ پيسٽ جي هڪ ننڍڙي اشتهار کان پوءِ جپان ۾ ست سال گذاري چڪو آهي. هاڻي هڪ ناڪام مزدور اداڪار، فلپ سخت دل پر گهڻ رخي شنجي (ٽيڪيهيرو هيرا) هلائيندڙ رينٽل فيميلي ايجنسي سان گذران ڪري ٿو. سندس ساٿي آئيڪو (ماري ياماموتو) وڏيڪ ڏکيا ڪردار نڀائي ٿي، جهڙوڪ جعلي معشوقائن جا، ۽ گڏيل ڪيمسٽري ۾ تيزمزاح شامل ڪري ٿي.

ڪهاڻيءَ بن اخلاقي طور تي پيچيده معاملن ذريعي وڌيڪ اثرائتي ٿئي ٿي، جيڪي اداڪاري ۽ همدرديءَ جي وچ ۾ حدون



مِٽائي ڇڏين ٿا، ۽ ٺڳيءَ جي خطرن تي سوال اٿارين ٿا. فريزر فلم جي نرم دل ديو وانگر چمڪي ٿو. هن جو اداس ايموجي جهڙو چهرو هڪ روان جپاني ٻولي ڳالهائيندڙ پرڏيهي جي خاموش مايوسي ظاهر ڪري ٿو.

بصري طور، ٽيڪورو ايشيزاڪا جي فوٽوگرافي ٽوڪيو جي نئين ڪليشيز بدران صاف ڏينهن جي روشنيءَ کي ترجيح ڏئي ٿي، جيڪا فرينڪ ڪيپرا جي فلمن جهڙي جذباتيت وڌائي ٿي. مجموعي طور تي ”رينٽل فئملي“ سچ، ڪوڙ ۽ اسان جي ٺاهيل ڪٽنبن تي هڪ نرم ۽ بصيرت واري جواهر طور اڀري ٿي. ■